
سنڌ جو سيوڪ
مرتب
علي بخش پٺاڻ

# سنڌ جو سيوڪ

## (مامو رمضان ساريو: تاريخ ساز سماجي شخصيت)

## مرتب: علي بخش پٺاڻ

سرسوتي ساهت گهر_ ڏوڪري

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ھن ڪتاب جا حق ۽ واسطا عام ڪجن ٿا

**ڪتاب جو نالو:** سنڌ جو سيوَڪ (ماما رمضان ساريو)

**مرتب :** **علي بخش پٺاڻ**

**ڇاپو :** پھريون

**سال :** آگسٽ 2015ع

**ڳاڻيٽو :** ھڪ ھزار

**ڇپائيندڙ :** سرسوتي ساھت گھر ـ ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو

**مُلھ :** 100 روپيہ

**ڪتاب گھرائڻ لاءِ:**

**عيسيٰ ميمڻ ـ 0333_7553879**

**معرفت ڪانياواڙ بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو**

E_mail: essa.memon1985@gmail.com

**(ھي ڪتاب عيسيٰ ميمڻ، سرسوتي ساھت گھر ڏوڪري پاران**
**حيدرآباد مان ڇپرائي ٻلھڙيجيءَ مان پڌرو ڪيو)**

# انتساب

ننڍي ڪنڊ جي عظيم انسان

## ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي

۽

لطيف جي پارکوءَ سنڌ جي عاشق

## انور پيرزادي

جي نانءِ.

## ماما رمضان ساريو

# سٽاءُ :


| | |
|---|---|
| اداري پاران | ادارو |
| مختصر تعارف | منير ايس سومرو |
| تصويرون تاريخ ٽين ٽيون | ادارو |
| سنڌ جو سيوَڪُ (مهاڳ) | انور ابڙو |
| مرتب پاران | علي بخش پناڻ |
| پنهنجي پاران | ماما رمضان ساريو |
| انسان دوستيءَ جو مثالي ڪردار | محمد علي پناڻ |
| مهين جو مسيحا: ماما رمضان ساريو | ادل سولنگي |
| ڪاهوڙيءَ جو پنڌ | قربان پيرزادو |
| اڳها ئي سگها ٿيا!! | لطف پيرزادو |
| ٻين ڪاڻ جيئندڙ شخص | الطاف پيرزادو |
| جڪرا جيئين شال! | اقرار پيرزادو |
| مامي جو وجود معجزي مثل آهي | عبدالحق ساريو |
| مائيٽي مزاج وارو شخص | مسرور پيرزادو |
| ڏکي سماج جي مرهم: ماما | عيسيٰ ميمڻ |
| ماما رمضان _ هڪ ٽرسٽ | انور ڏنگڙائي |
| هڪ ساهه سيباٽو ماڻهو | سيد گدا حسين شاهه |
| نِم جي گهاٽي ڇانوَ جهڙو ماڻهو | بهشت خاتون |
| موتيءَ جهڙو مامو | وحيد سولنگي |
| نئين نسل جو رول ماڊل | زرار پيرزادو |
| لٺل ماسڪو جو سماج سڌارڪ | جاويد علي شاهه |
| عوام دوست ڪردار | زرار ٻگهيو |
| هن جي ڪري ڪيترن جي چُلهه ٻري ٿي | شهباز پيرزادو |
| لاڙڪاڻي جو ايڌي | نديم رضا ميمڻ |
| اونداهيءَ ۾ سوجهرو | الهه وسايو سولنگي |
| هڪ املهه انسان | شان ٻگهيو |
| منهنجو بابا | ياسمين بانو |
| سماج سڌارڪ: بابا سائين | روبينه بانو |
| بي پهچ ۽ بي سهارن جو آسرو | فقير ارشاد حسين ساريو |
| مامي رمضان ساريي جون سماجي خدمتون | ڪامريڊ شبن جتوئي |
| مامي رمضان متعلق ڳڏيل رايا | مختلف شخصيتون |

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(323)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”سنڌ جو سيوڪ“** سنڌ جي تاريخ ساز سماجي شخصيت مامي رمضان ساريو تي لکيل مضمونن جو مجموعو آهي، جنهن جو مرتب علي بخش پناڻ آهي.

”سنڌ جو سيوڪ“ ماما رمضان ساريو، دراوڙي نسل جو اهو باشندو آهي جنهن مسڪيني حال هوندي به سماج جي بي پهچ مارو ماڻهن جي خدمت کي پنهنجي زندگيءَ جو ”ڪُل مقصد“ بڻائي ڇڏيو آهي. هي مانجهي مڙس، وقت جو يار، اوکي سوکي ۾، سيني سان نيائڻ جو فن ڄاڻي ٿو. هي بي سهارن جو سهارو، دنيا جي عظيم تهذيب مُهين جي دڙي جي ڪُک (ٻلهڙيجي) ۾ جنم ورتو ۽ ان ڪُکِ جو پَرمُ رکڻ لاءِ سدائين سفر ۾ آهي.

هي ڪتاب **سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪريءَ** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون عيسىٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

**اداري پاران**

# مسڪين جهان خان کوسي جو تسلسل :
# ماما رمضان ساريو

”**سنڌ جو سيوڪ**“ نالي سان سرسوتي ساهت گهر-ڏوڪريءَ جو هي سورهون ڪتاب اوهان جي اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. ”سنڌ جو سيوڪ“ ماما رمضان ساريو دراوڙي نسل جو اهو باشندو آهي جنهن مسڪيني حال هوندي بہ سماج جي بي پهچ مارو ماڻهن جي خدمت ڪي پنهنجي زندگيءَ جو ”ڪُل مقصد“ بڻائي ڇڏيو آهي. هي مانجهي مڙس، وقت جو يار، اوکي سوکي ۾ سيني سان نيائڻ جو فن ڄاڻي ٿو. هي بي سهارن جو سهارو، دنيا جي عظيم تهذيب مُهين جي دڙي جي ڪُک (ٻلهڙيجي) ۾ جنم ورتو۽ ان ڪُکِ جو ڀَرمُ رکڻ لاءِ سدائين سفر ۾ آهي.

مسڪين جهان خان کوسي جو تسلسل ماما رمضان ساريو اسان سيني جو اثاثو آهي جنهن کي جيئري ميجتا ڏيڻ اسان پنهنجو قومي، اخلاقي ۽ سماجي فرض سمجهي ”ماما“ جي پورهئي کي اوهان تائين پهچايو آهي. ان اميد سان تہ اسان جو نئون نسل ماما رمضان جي زندگي، جدوجهد کي مشعل راهہ بڻائي پنهنجو سفر جاري رکندو. اسان سمجهون ٿا تہ جيستائين ماما رمضان ساريي جهڙا ڪردار سماج ۾ موجود آهن تيستائين سماج جي تبديلي ۽ روشن صبح جي آس ڪڏهن بہ نراس نٿي ٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن سماجي تبديليءَ جا جاکوڙي ڪردار موجود هجن تڏهن نراس ٿيڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. اسان جو هي سفر سماج جي اميدن جو سفر آهي. ان سفر ۾ اسان جي هي ننڍڙي ڪاوش جيڪڏهن اوهان وٽ ٿورو بہ مانُ ۽ ميجتا ماڻيندي تڏهن يقيناً اسان جو هي تڪليف ڏيندڙ سفر بہ سڦلائتو ٿي پوندو.

ڪتاب جي ڏس ۾ نوجوان جاکوڙي ساٿي علي بخش پناڻ جا بہ ٿورا جنهن جي ڪاوشن جي طفيل هي ڪتاب اوهان تائين پهتو آهي.

**ادارو**

**سرسوتي ساهت گهر-ڏوڪري**

**ضلعو لاڙڪاڻو.**

تاريخ: 30-جون 2015ع

# مختصر تعارف

نالو: محمد رمضان ساريو
ولد: محمد وريام ساريو.
جنم: 1955ع.
تعليم: پرائمري پنج درجا ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان.
جنم جو ڳوٺ: ٻلهڙيجي تعلقو ڏوڪري.
جيون ساٿياڻي: غلام سڪينہ ساريو.
اولاد: پنج نياڻيون.

## تنظيمن جو ميمبر ۽ عهديدار:

1982ع: ڳوٺ سڌار سنگت جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر
1988ع: ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجي جو خزانچي.
1991ع: ديھ ابڙي پوٽا ۾ زڪوات چيئرمين.
1997ع: ديھ ابڙي پوٽا ۾ ٻيهر زڪوارت چيئرمين.
2001ع: ۾ بلدياتي چونڊن ۾ يو.سي بگيءَ ۾ جنرل ڪائونسلر.
2005ع: ۾ يو.سي بگيءَ ۾ ٻيهر جنرل ڪائونسلر .
2005ع: کان انڊس ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن سان اڄ تائين لاڳاپيل.
سي.ايس.ايس.پي پراجيڪٽ جو ميمبر.

## سماجي ۽ علمي ڪم:

هڪ هزار کان وڌيڪ هيپاٽائيٽس، اکين، ڪتي ڏاڙهيل، نانگ ڪکيل، باھ متاثر ۽ ٻين مرضن ۾ وڪوڙيل لاچارن جو مفت علاج ڪرائي چڪو آهي

مختلف اخبارن مان آرٽيڪل ۽ مختلف موضوعن بابت خبرن ۽ مضمونن تي ٻڌل اٺ سئو کان وڌيڪ فائيلن جو رڪارڊ، جنهن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺي بينظير ڀٽو ۽ بشير خان قريشي کان وٺي سمورن قومپرست اڳواڻن ۽ دانشورن جون ڪٽنگز ٿيل تاريخي دستاويز طور محفوظ ڪيل اٿس.

## سماجي خدمتن جي عيوض مليل ايوارڊ:

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن 2010ع“
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن 2011ع.
فشر فوڪ فورم 2005ع (اداري پاران)
ڏس پتو: پوسٽ آفيس ٻلهڙيجي، برانچ تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو
موبائيل: 03473595447

تعارف: **منير ايس سومرو**

**مهاڳ**

# سنڌُ جو سيوَڪُ

جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي عزت، احترام ۽ واکاڻ جون حدون اُن جي گهرياتين، مِٽن مائٽن، ذات ۽ ڳوٺ جي دائري مان نِڪري ٻين گهرن، ٻين ذاتين ۽ ٻين ڳوٺن ۽ شهرن جي ماڻهن تائين وڃي پهچن، تڏهن سمجهڻ گهرجي تہ اِن شخص يقينن ڪو اهڙو يا ڪي اهڙا ڪم ڪيا هوندا، جن وسيلي، هيءُ ٻين جو بہ گهر ڀاتي بڻجي ويو آهي، ٻين جي بہ ڏک سُک جو ساٿي بڻجي ويو آهي ۽ ٻين جو بہ ”مامو“ بڻجي ويو آهي.

اِها حقيقت آهي تہ ڪير پنهنجي ذات جي لاءِ ڪيترو بہ بهتر ڪم ڪري، ڪيتري بہ ملڪيت ناهي، ڪيترو بہ پنهنجي اولاد ۽ ڀائرن ڀينرن ڪي سُکيو ستابو رکي، ڪيتري بہ اُنهن کي سٺي تعليم ڏياري، پر اُن جي، اهڙي ڪم جي بنياد تي، ساراهہ ۽ مڃتا جو دائرو محدود هوندو ۽ اهڙا ماڻهو رڳو پنهنجي گهر وارن ۽ مِٽن مائٽن کي ئي ياد رهن ٿا، پر جيڪي ماڻهو ٻين جي درد تي پاڻ دانهن ڪن ٿا، جيڪي پاڻ بيمار هوندي بہ، ٻين جي بيماريءَ جو ٻُڌي، اُنهن جي مدد لاءِ نِڪري پون ٿا، جيڪي عام ماڻهوءَ جي خدمت ڪري، پنهنجي گهرَ، جي چُلهہ جي وِساميل ٽانڊن تان اکيون چورائي، پنهنجي ٻارن کي سيني سان لائي، اُنهن کي اڳئين ويلي تي ڏِوَ تي ماني کارائڻ جي آٿت ڏئي، پاڻ خالي پيٽ تي، غريب ماڻهن جي مدد لاءِ چندو ڪرڻ واسطي نِڪري پون ٿا، ۽ جيڪي جيڪڏهن پاڻ ڪو تخليقي يا تحقيقي ڪم نہ ڪري سگهيا، جيڪڏهن پاڻ ڪجهہ نہ لکي سگهيا، تہ ٻين ليکڪن کي سهيڙي تاريخ جو رف مواد گڏ ڪن ٿا، تہ اِنهن کان وڏيڪ، منهنجي نظر ۾ ڪو وڏو ماڻهو ٿي نٿو سگهي. جيڪي ”مسڪين“ اهڙا ڪم ڪندا آهن، سي ئي وڏا ماڻهو هوندا آهن.

مامي رمضان ساريي اهڙو ئي ”ڪَتيو“ اهي، ائين ئي ”ڪنبيو“ آهي ۽ ائين ئي ”جَليو“ آهي... هِن اِن ”ڪَتڻ،“ ”ڪنبڻ“ ۽ ”جلڻ“ واري ڪم جو آسيس ماڻيو آهي، جيڪا آسيس هر ڪنهن جي نصيب ۾ ناهي ايندي. سو اسان کي اِهو سمجهڻ گهرجي تہ، جيڪڏهن قومي سطح جا هيروز هوندا آهن، تہ ڪي مقامي سطح جا بہ هيروز هوندا آهن، ۽ جيڪي سماجي تبديليءَ جا حقيقي باني هوندا آهن. مامو رمضان ساريو بہ اسانجو اهڙو ئي هڪ هيرو آهي. هِن جنهن طرح پنهنجي ڳوٺ (ٻلهڙيجيءَ) جي عام ماڻهن جي، ذات پات جي فرق ڪانسواءِ خدمت ڪئي آهي، هِن جنهن طرح پنهنجي زندگيءَ جا ”سونا روپا ورق“ لاچار، بي پهچ، ۽ مسڪين ماڻهن جي سيوا ڪندي، ٻڍاپي ۾

تبديل ڪيا آهن. اهڙو ڪم، ڪو ڪوئي ڪري سگهندو آهي.

مامي رمضان ساريي جي سماجي خدمتن واري ڪم کي ڏسي، منهنجي دل جي اِها حسرت رهندي آهي، ته ڪاش! مامو رمضان اسانجي ڳوٺ ۾ پيدا ٿئي ها. جتي هيءُ اهڙا عوامي ڀلائيءَ وارا ڪم ڪري ها، جو منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو بيماري بڙيءَ ۾ پريشان نه ٿين ها ۽ تعليم ۾ پٺتي نه رهن ها..... ۽ اهڙي حسرت ٻين ڳوٺن جي ماڻهن جي به هوندي. منهنجي هِن راءِ تي منهنجا دوست چئي سگهن ٿا ته 'اوهان پاڻ ڇو اهڙو ڪردار ادا نٿا ڪيو؟' هُو جيڪڏهن ائين چوندا ته سندن اِها ڳالهه صحيح هوندي، پر مان اهڙي حسرت اِنڪري ٿو ڪيان جو اسان پنهنجي لاءِ، حادثاتي طور ئي سهي، پر هڪ الڳ ڪردار چونڊيو جنهن ڪري اسان پنهنجا اباڻا ڪکَ ڇڏيا. اُتان جون سايون زمينون ڇڏيون، اُتان جون ڪچهريون ڇڏيون، اُتان جا ماڻهو ڇڏيا، ۽ اُتان جون برساتون، گرميون، سرديون ۽ وٽندڙ هوائون ڇڏيون. سو جيڪڏهن سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ ڪو هڪڙو "مامو رمضان ساريو" پيدا ٿي پوي ته هوند سنڌ کي بهتر روپ ۾ تبديل ٿيڻ ۾ ڪو گهڻو وقت نه لڳي.

اسانجي دوست ۽ نوجوان ليکڪ علي بخش پناڻ، مامي رمضان ساريي جي زندگي ۽ خدمتن تي هيءُ ڪتاب سهيڙي "سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري" جي نوجوان سربراهه، پبلشر ۽ اسانجي بهترين ليکڪ دوست عيسيٰ ميمڻ هيءُ ڪتاب شايع ڪري هڪ وڏو ڪم ڪيو آهي. هي منهنجي ڳوٺ جا نوجوان آهن، جن ڪتابن سان نينهُن لائي، ڌرتيءَ جي عشق جي آرزو، پنهنجي ذهن جي گودڙيءَ ۾ ڪٽي، در در پهچڻ ۽ هيرا لال موتي ميڙڻ شروع ڪيو آهي. هي نوجوان اسان جي اميد آهن، جيڪي هڪ ٻئي پُراميد شخص جي ڪارنامن کي ٻين تائين پهچائي، اهو ٻڌائڻ ۽ ڏيکارڻ ٿا چاهين ته جيڪو اسان جي عام ماڻهن جي اُس کي ڇانوَ پائيئين ٻاهر نِڪري پوندو، جنهن کي "پيرن ۾ ڪوڙين ڪنڊا لڳل هوندا،" ۽ جيڪو سچ کي ميارون ڏيندو ته "پرين ڏسڻ ڪان اڳ ۾ ٿو تون لهين،" ته اهو اسان مان آهي، اُهو اسانجو آهي ۽ اسان اُن لاءِ آهيون- ۽ هِنن نوجوانن مامي رمضان ساريي جي ڏبري جسم جي سگهه تي، سندس پيرن ۾ پيل لِڦن تي، سندس اندر جي اُجري پَڻ تي، تهذيبي حوصلي تي، ۽ ڏکويلن سان سندس پيار تي؛ هيءُ ڪتاب شايع ڪرائي، پنهنجي اِها ڳالهه صحيح ثابت ڪئي آهي.

هِن ڪتاب شايع ڪرڻ مان اِهو به ظاهر ٿئي ٿو ته "جيڪڏهن اسان ٻيو ڪو چڱو سماجي خدمت وارو ڪم (پنهنجي ڪنهن به جائز مجبوريءَ تحت) نٿا ڪري سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ اسان کي، اُنهن ماڻهن کي سندن جيئري ئي، خراج تحسين پيش ڪرڻ گهرجي - ۽ اُنهن جي اجتماعي خدمتن واري ڪردار کي مڃتا ڏيڻ گهرجي، جن، مايوس ماڻهن جي زندگين ۾ اميد جي بهار آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن اڳهن کي سگهائي ڏياري آهي، جن سماجي خدمت جا مثال قائم ڪيا

آهن، ۽ جن پنهنجي خوشيءَ کي ٻين جي خوشيءَ سان جوڙيو آهي.

انور پيرزادي صاحب جي ڳوٺ – ٻلهڙيجيءَ جا ماڻهو جيڪي روز صبح جو جڏهن اکيون مهٽي اٿندا آهن تہ سنڌن پهرين نظر سنڌوءَ تي ۽ ٻي نظر مُهين جي دڙي تي پوندي آهي. سو اهڙن نصيبن وارن نيڻن ۾ انساني ڀلائيءَ وارو سبق تہ لازمي طور درج ٿيڻو آهي... تڏهن ئي تہ مامي رمضان کي ان ڳالهہ جو اونو نہ هوندو آهي تہ، هِن جي هَٿ تي رکيل وَکر وڪامجي ٿو يا نہ؟ پر هِن کي فڪر اِهو هوندو آهي تہ، سندس ڳوٺ جي سيني ماڻهن ڏي خير هجي. هُو پنهنجن لوڙهن اندر موجود ڪچن پڪن گهرن ۾ پنهنجن ٻارن سان گڏ سُکيا هجن. سو صوفي دل واري هِن شخص جي دل کي سنڌوءَ ڌوئي صاف ڪيو آهي تہ، اُن تي مُهين جي دڙي، پنهنجون عظيم تهذيبي روايتون سينگاري رکيون آهن.

سچ پچ تہ هيءُ شخص گهڻو ڪجهہ لهڻي ٿو پر اسان کيس ڪجهہ بہ نہ ڏيئي سگهنداسين- ۽ وڏي ڳالهہ تہ هِن کي ڪجهہ کپي بہ نہ.....هيءُ بس اِهو ٿو مطالبو ڪري تہ جنهن غريب جي گهر مان ڪنهن امي ابا، ڀاءُ ڀيڻ يا ٻار ٻچي جي ڪيهہ ٻڌو تہ، اُن جي مدد جي لاءِ نِڪري پئو. جيڪڏهن ڪنهن غريب هاريءَ جو ڦاٽل انگوڇو اُن جو بدن مڪمل طور ڍڪي نہ سگهي تہ، اُن کي اوڇڻ آڇيو. جيڪڏهن ڪنهن ٻار جي هٿ ۾ قلم ۽ ڪتاب نہ ڏسو تہ، اُن جي لاءِ اسڪول قائم ڪرائي، اُتي اُن کي داخل ڪرايو....۽ جيڪڏهن آڏيءَ مانجهيءَ جو ڪو لوڙهي تان اچي مدد جي لاءِ پُڪاري، تہ اگهورُ ننڊ ۾ ستل ٻارڙن تي پنهنجي نگاهہ اڇين وجهو جڻ اُنهن کي آخري پيرو ڏسندا هجو ۽ پوءِ مدد جي لاءِ نڪري پئو....متان اوهان ٻيهر پنهنجي گهر موٽي نہ اچي سگهو...ڇاڪاڻ جو مدد جي لاءِ سڏيندڙ اوهان کي اِن قابل سمجهيو تہ، اوهان ئي هُن جي مدد ڪري سگهو ٿا، تہ پوءِ اِن کان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجي...اِهائي تہ زندگيءَ جي حاصلات آهي.

هِن ڪتاب ۾ شامل سيني بهترين ليکڪن (جن مان گهڻا تہ منهنجا تمام گهڻا ويجها دوست آهن) مامي رمضان ساريي جي زندگي جي هر پهلوءَ تي تمام سنو لکيو آهي. اِنڪري جيڪڏهن انهن سيني لکڻين تان اُنهن جا عنوان ۽ ليکڪن جا نالا هٽائي، اُنهن کي گڏائي ڇڏجي تہ اِها مامي رمضان جي آتم ڪٿا ٿي سگهي ٿي.

ماما رمضان! اوهان جون سچيءَ دل سان ڪيل محنتون ۽ خدمتون رائگان نہ ويون آهن ۽ هيءُ ڪتاب شايع ڪرائي، اسان جا نوجوان اوهان جا ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا آهن. جيڪا ڳالهہ يقينن اوهان جي اکين ۾ چمڪ ۽ اوهان جي اندر ۾ اطمينان ۽ وڌيڪ حوصلو پيدا ڪندي. اوهان کي هِن ڪتاب شايع ٿيڻ تي مبارڪ هجي.

# انور ابڙو

**4 مارچ، 2015ع، ڪراچي**

**مرتب پاران**

# امڙ جي آسِيسَ جهڙو مامو رمضان

اسان اهڙي دؤر ۾ جي رهيا آهيون جنهن ۾ اعليٰ سماجي قدر ڪافور ٿي رهيا آهن. اجتماعيت جي ڦوڪڻيءَ مان هوا وجي پئي نڪرندي ۽ فرد ڏينهون ڏينهن سوڙهو ننڍڙو ۽ پنهنجي ذات جي خول ۾ وجي پيو قيد ٿيندو. سماجي مسئلن کان وٺي قومي معاملن تائين "اسان جو ڇا" وارو ورتاءُ هر هنڌ پيو پسجي. ترقي، خوشحالي، آجپو سک، چين ۽ آرام سڀ پنهنجي ذات يا وڌ ۾ وڌ گهر جي چوديواريءَ تائين محدود آهي. ڪير ڪربَ ۾ آهي_ اسان جو نه ربيع نه خريف! وڌ ۾ وڌ اخبار ۾ اهڙي ڪنهن ڪِيس جي ڪٿا پڙهي روايتي لفظن ۾ افسوس جو اظهار ڪيو ته نهيو باقي اهڙي گهٽ ٻوسٽ واري ماحول کي پُر فضا بڻائڻ لاءِ جاکوڙ اسان جي فرض ۾ ڄڻ شامل ئي ناهي.اسان جي پاڙي اوڙي، ڳوٺ، شهر ۽ ملڪ ۾ ٿيندڙ انسان سوز واقعن جا قصا اخبارن ۾ ايئن پڙهبا آهن ڄڻ اهي ڪوهه ڪاف جي مخلوق جون ڏند ڪٿائون هجن!

اسان جو سماج مجموعي طور تي اهڙي ڏيوالپڻي جو شڪار بڻجي ويو آهي جو نه رڳو اعليٰ سماجي قدر ناپيد ٿي رهيا آهن پر ماڻهپي جا آثار به ڄڻ ته موڪلائيندا ٿا وڃن. اهڙا کوڙ ساترا واقعا آهن، جن کي ڏسي گمان ٿو ٿئي ته اسان ڪنهن انساني سماج ۾ نه پر اهڙي جهنگلي جهان ۾ جي رهيا آهيون جتي رڳو وحشت ئي وحشت ۽ دهشت ئي دهشت آهي. مسڪين جهان خان کوسي کان وٺي وسو ٻائي، سائين سرور منگي ۽ مامي رمضان ساريي تائين جيڪڏهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترا به امله انسان نه هجن ته ڪَرَ ماڻهپي تان ويساهه ئي کڄي وڃي!

اسان جي مجموعي سماجي صورتحال اهڙي آهي جنهن ۾ مادي خواهشن جو ڪو ڇيهه ئي ناهي. ماڻهپي جا اعليٰ قدر رواداري، سهپ ۽ برداشت ڳئونءَ جي مٿين ڏندن وانگر ڪٿي نظر ئي نٿا اچن. اهڙي نفسا نفسي واري صورتحال ۾ جتي ڪو ڪنهن جو پلو ڪري اهو ته نهيو پر اڪثر ماڻهن کي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ لاءِ سنو سوچڻ جي ويساند به ڪانهي، شايد اهڙي صورتحال کي ڏسندي پٽائي چيو هو ته،

## پاڙي ناهي پَروڙَ ته راتِ رَنجائي گُذري

چون ٿا ته زندگي گذارڻ جا ٻه طريقا آهن هڪ يا ته لوڪ وانگر لهوارو وهجي ۽ جيئڻ سماجي وهنوار هلي ٿو ان کي مقدر ڄاڻي آمنا صدقنا چئجي يا ذميواري کڻي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪجي. مامي رمضان اردوءَ جي هن شعر وانگر سماجي ڀلائيءَ جي ذميواري پنهنجي نازڪ ڪلهن

تي ڪنئي آهي تہ

**ظلمت شب پہ الزام سي تو ڪهين بهتر تا،**
**اپني حصي کي ڪوئي شمع جلاتي جاتي**

مامي رمضان پنهنجي حصي جي شمع ٻاري آهي ۽ اڃا ڪي آهين ڳُل جڳ ۾ ڪاپڙي جي مصداق هن ٻين ڪاڻ جيئڻ کي پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين ٻڌائي چڱيو آهي. مامو رمضان هڏ ڪاٺ ۾ اهڙو تہ سنهڙو ۽ سيپڪڙو آهي جو لڳندو آهي تہ هي پاڻ امداد ۽ سهائتا جو مستحق آهي. پر هن پنهنجي صحت جو ڪڏهن بہ اونو ناهي ڪيو. ڪاري ڪامڻ جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي بہ هن سدائين پاڻ بدران ٻين اگهن جو خيال رکيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ ”مان پاڻ هيپاٽائيٽس جو مريض آهيان پر جڏهن ڪو مريض مون وٽ اچي ٿو تہ مون کان منهنجو مرض وسري وڃي ٿو ۽ مان سندس مدد ۽ خدمت لاءِ اٿي پوان ٿو.“

مريضن جي علاج لاءِ هو آنڌي مانجهيءَ توڙي ڪاڙهي جهڙي گرميءَ ۾ بہ مٽي تي ٽوال رکي در در تي جهولي جهلي چندو وٺڻ ۾ بہ عار محسوس نٿو ڪري ۽ ماڻهو بہ مٿس ڀروسو ڪن ٿا تہ مامي کي ڏنل سندن پائي بہ ميري نہ ٿيندي. ۽ اها ڪنهن نہ ڪنهن ضرورتمند جي ڀرجهلائيءَ لاءِ ڪتب ايندي.

60 ورهين جي ڄمار ۾ بہ هو ماڻهن جي ڀلي لاءِ اسپتالن ۽ آفيسن جا چڪر ڪاٽيندي ٿڪجي نٿو ڇاڪاڻ تہ اهو سندس ايمان آهي تہ زندگيءَ جو حقيقي ڪارج ٻئي ٻين جي ڀلائي آهي. ۽ اهو سڀ ڪجھ مامو بنا ڪنهن لوڀ، لالچ ۽ طمع جي ڪري ٿو. بس ان سڀ ڪجھ ڪرڻ جي عيوض جيڪي ڪيس دعائون ۽ محبتون پلئہ پون ٿيون اهي ئي سندس حياتيءَ جي ڳُل ميراث آهن.

**اس ني جلتي هوئي پيشاني پي جب هاٿ رکا،**
**روح تک آگئي تاثير مسيحائي کي.**

پروين شاڪر جي انهن سٽن وانگر مامو رمضان ڪنهن بيمار وٽ پهچي ٿو يا ڪو اگهو وٽس لڙي اچي ٿو تہ اهو واهرَ ٿيڻ واري احساس سان ئي پاڻ ڀرو ٿي ٿو وڃي ڇاڪاڻ تہ ڪيس اهو پختو يقين هجي ٿو تہ مامو رمضان اهنج جي مڪمل خاتمي تائين سندس پرگهور لهڻ ۾ وسان نہ گهٽائيندو. هر هيلو هلائيندو ۽ قابل ويڄن کان درست دارون ڪرائي ڪيس موت جي منهن مان ڪڍي نئين زندگي وٺي ڏيندو.

اهڙن مريضن جو تعداد سوِن ۾ آهي جن کي مامي نئين حياتي ڏياري آهي ۽ سوين اهڙا اکين جا مريض آهن جن کي مامي نوُر واپس ڏياريو آهي.

مامو رمضان ڪُلُ وقتي سماجي ڪارڪن آهن. چوويه ئي ڪلاڪ سندس دروازو سائلن لاءِ کليل هوندو آهي. ڏينهن تہ ڏينهن پر رات اڌ رات بہ ضرورت پوڻ تي هو هر وقت حاضر هجي ٿو. يوسي بگيءَ ۾ بہ ٻيرا جنرل ڪائونسلر توڙي ديهہ ابڙي پوٽا ۾ بہ ٻيرا زڪوات چيئرمين بڻجڻ کان وٺي هر ڪم هن انتهائي ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ڪيو آهي. سنڌ ۾ ٻيو ڪو اهڙو مثال ورلي ملندو جنهن ۾ زڪوات چيئرمين درڪڙڪائي مستحقن جي مالي مدد ڪئي هجي ۽ ورهاست بہ اهڙي منصفاڻي جو ڪنهن کي بہ آڱر کڻڻي نہ پوي!

توڙي جو مامو رمضان ساريو پاڻ صرف پرائمريءَ جا پنج درجا پاس آهي پر وٽس تعليم جو وڏو قدر ۽ قيمت آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن ٻرپاسي جي ڳوٺن ۾ پنج اسڪول قائم ڪرايا آهن. ۽ پنهنجو اجهو بہ نياڻين جي تعليم لاءِ دانُ ڪري ڇڏيو اٿائين. هو مُهين جي دڙي جي انهن ماڻهپي وارن اعليٰ قدرن جو امين آهي. جتي جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي گهر جوڙائڻو هوندو هو تہ ٽيندو ايئن هيو جو هڪ هڪ ماڻهو هڪ هڪ سِرَ ڏيندو هو. يا وري هر گهر مان ڪو هڪ ماڻهو ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو هو ۽ اهڙي طرح هڪ ماڻهوءَ جو اجهو ٺهي پوندو هو ۽ ڪِهو چڙهي پوندو هو. اهڙي طرح مهين جي سماج ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جو ڀرجهلو ۽ مددگار هوندا هئا ۽ اشتراڪي سماج وانگر ملي جلي رهندا هئا.

هر وقت ڇهري تي مرڪ مامي رمضان جي سڃاڻپ جو اهڃاڻ لڳندي آهي ۽ سندس ملڻ بہ عام ماڻهن کان نرالو آهي. هو ماما ڪري ڀاڪر ۾ ڀريندو آهي ۽ ڳل تي مٺي ڏئي ٻلهار ٻيو ويندو آهي. "صدقو وڃانءِ" سندس تڪيو ڪلام بڻجي ويو آهي.

لطف پيرزادي موجب "ڳيرو وهيءَ ۾ مامي رمضان جون ڪجليون ۽ ڪاريون ٻونئر جهڙيون اکيون ڳوٺ جي مجني فقير کي وڻنديون هيون." پر هاڻي تہ لطف سميت سڄو جڳ مامي جي مسيحائي ڪردار جو عاشق بڻجي ٻيو آهي.

مامي رمضان کي ڪا پُٽاڻي اولاد ڪونهي پر هن پنهنجي پنجن ئي نياڻين کي پٽن وانگر پاليو. نپايو ۽ پڙهايو آهي ۽ ڪين انسان دوستيءَ ۽ ماڻهپي جي سُٺي پڻ ڀيئاري آهي جنهن ڪري اسان جون اُهي ڀينر ڳوٺ جي ٻارن کي پڙهائڻ کان وٺي سمورن سماجي ڀلائيءَ وارن ڪمن ۾ مامي رمضان جون ٻانهن ٻيلي بڻيل آهن. هتي وسارڻ جهڙو ڪردار تہ مامي رمضان جي گهرواري مامي غلام سڪينا جو بہ ناهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ماميءَ جو ساٿ ۽ سهڪار نہ هجي ها تہ شايد مامو رمضان اُهي سمورا انسان دوستيءَ وارا ڪم نہ ڪري سگهي ها. هو ناليواري شاعر محمد علي پناڻ جي لفظن ۾ هو ماميءَ کي چوندو آهي تہ:

## "هيڪلڙو آهيان، مونکي تنهنجو ساٿ کپي ٿو"

” سنڌ جو سيوڪ“ ڪو ادبي شهپارو ناهي پر مامي رمضان جي جڙ ته سوانح عمري آهي. هي ڪتاب نه صرف سوانح عمري آهي پر اسان جي سماج جي دردن جو داستان به آهي ته دردن جو درمان به آهي، جنهن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي منظرعام تي آڻڻ جو مقصد مامي رمضان ساريي کي ميڄتا ۾ پيئتا ڏيڻ سان گڏوگڏ اهو به آهي ته نئين نسل کي هڙن آدرشي انسانن ۾ سندن اعليٰ انساني گڻن کان واقف ڪجي ۾ هڪ رول ماڊل جو ساٿن مڪاميلو ڪرائجي ته مَن اها وات پيا پانڌيئڙا به لهي سگهن.

ڪوشش جي باوجود هن ڪتاب ۾ اوهان کي ڪن هنڌن تي ورجاءُ به ملندو. پر ڇاڪجي! مامي جي چاهيندڙن، جن مٿس مضمون ۾ تاثر لکيا آهن انهن جا ڪٿي ڪٿي احساس ۾ جذبا توڙي اظهار جو انداز ملندڙ جلندڙ آهي پر محبت وچان لکيل اهڙين سٽن تي ڪاتي ڦيرڻ اسان جي وس جي ڳاله ناهي.

هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ ناليواري شاعر ۾ نثرنويس سائين محمد علي پٺاڻ ۾ طالب حسين چني پال پلايا ۾ اهم پورهيو منهنجي نٺيپڻ جي ساٿي، ليڪ ۾ سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ جي سرواڻ عيسيٰ ميمڻ جو آهي جنهن ڇپائيءَ جو سمورو عمل سرانجام ڏنو. وڏا وَڙَ سنڌ جي خوبصورت قلم ڌڻي ياءُ انور ابڙي جا جنهن انتهائي مصروفيت منجهان پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي مهاڳ لکيو. لک ٿورا آغا نويد سميجو جا جنهن پيار منجهان سهڻو ٽائيٽل ناهيو. مامي جي شخصيت ۾ سندس ڪردار بابت ليک لکندڙ سمورن دوستن جا به ٿورا، جن پنهنجو وقت اسان کي ڏنو.

ساوڻ لهرون، ٿرِ واري ٿرَ وارَ
تهائين آپارَ پلي مون سين پال ڪيا.
(شاهہ)

**علي بخش پٺاڻ**
01 مئي 2015
03343513343
journalistpathan@gmail.com

## پنهنجي پاران

**دوستن** جي اصرار تي ٻه اکر ڪتاب تي لکي رهيو آهيان. جڏهن ته مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڊائري به نه لکي آهي ته ڪتاب تي ڪيئن لکان؟ مان تمام سادو ماڻهو آهيان. تنهن باوجود به هانءَ جي ڏڍَ تي ٻه اکر لکان ٿو خبر ناهي ته مان اديبن جي معيار تي پورو لهندس به الائي نه؟

مون زندگيءَ ۾ جيڪي به ڀَلائيءَ جا ڪم ڪيا آهن, اُهي پنهنجي ايمانداريءَ سان ڪيا آهن. اهي ڪنهن تي احسان نه آهن پر منهنجو فرض آهي. مان ڪنهن به انسان کي بکيو ۽ ڏکيو ڏسي ناهيان سگهندو. ڪنهن جي به بک کي مان پنهنجي بُک ۽ ڪنهن جي به ڏک کي مان پنهنجو ڏک سمجهندو آهيان. اهو ڪم ڪندي مون کي دلي سڪون ملندو آهي. منهنجي در تي ڪو سوالي اچي ۽ خالي موٽي, اهو ناممڪن آهي. ان سموري پورهئي کي دوستَ مانُ ڏين ٿا. ماڻهو مون کي پنهنجو سمجهن ٿا, منهنجي لاءِ سموري زندگيءَ جي ميراث اُهي ئي محبتون ۽ عنايتون آهن.

ڪتاب آڻڻ جي خواهش حقيقت ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي هئي. افسوس آهي ته هن ڪتاب کان اڳ ئي ڪامريڊ سوڀو اسان کان وڇڙي ويو. جنهن کي هن ڪتاب جي مهورتي تقريب جي صدارت پڻ ڪرڻي هئي. ان ڳالهه جو سدائين افسوس رهندو.

ڪامريڊ سوڀي, محمد علي پناڻ تي زور پئي رکيو ته اهو ڪم ڪنهن طرح سرانجام ڏيئي. هي ڪتاب به محمد علي پناڻ جي صلاح مصلحت ۽ خواهش مطابق اوهان تائين پهتو آهي. جنهن لاءِ علي بخش پناڻ جا به خاص احسان جنهن هن ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ جاکوڙ ڪئي. ۽ عيسيٰ ميمڻ جا ٿورا آهن جنهن کوڙ سارا خفا ۽ ذميواريون نڀايون آهن.

مان زندگيءَ ۾ جيڪو به حاصل ڪيو آهي اهو انور پيرزادي جي طفيل آهي. انور پيرزادي کان سواءِ منهنجي ذاتي اٽيوري آهي. ”ماما انور پيرزادا توهان جا ٿورا لاهي نه سگهيو آهيان, زندگيءَ جي آخري هڏڪيءَ تائين ڳائيندس پيو.“

مامي محمد علي پناڻ ۽ مامي انور ابڙي سميت سيني جا احسان آهن جن مون تي لکيو. مون کي عزت ڏني آهي. خاص احسان منهنجي جيون ساٿياڻي سڪينه جا آهن جنهن نه صرف ٻين جي خاطر جيئڻ لاءِ اتساهيو ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي, مون کي سدائين حوصلو ڏيندي رهي آهي.

آخر ۾ مان انهن سيني جو ٿورائتو آهيان جن مون کي پنهنجو سمجهيو ۽ مون تي مضمون ۽ تاثر لکيا.

**ماما رمضان ساريو**

(ٻلهڙيجي)

# انسان دوستيءَ جو مثالي ڪردار:
# مامو رمضان ساريو
## محمد علي پٺاڻ

”انسان“ لفظ ”اُنس“ مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ”پيار“. ۽ اهو پيار ئي آهي، جنهن ڪري سوين ۽ هزارين دفعا هيءَ دنيا تباهيءَ ۽ بربادي جي ڪنڌيءَ تي رسڻ ڪانپوءِ بہ جُڙندي ۽ بچندي آئي آهي. هونئن بہ چوندا آهن تہ اُهو انسان ئي ڪهڙو جيڪو انسان جي ڪم نہ اچي. ماڻهو ماڻهپي سان ئي سڃاتو ويندو آهي ۽ سنڌس نالو بہ صدين تائين ان ڪري ئي زنده رهندو آيو آهي، جو منجهس ٻئي ماڻهوءَ سان پيار ڪرڻ جو گڻ موجود آهي- ۽ دنيا جي انهن حصن ۾ جتي اَڻ ڳڻيا ڳُماڻهو (ماڻهو ئي نہ) موجود هوندا آهن، اُتي جيڪڏهن ڪو هڪ ماڻهو بہ ماڻهپي جي وصفن سان موجود هوندو آهي تہ دنيا رهڻ جهڙين رنگينين سان ڀريل نظر ايندي آهي. اسانجي ناميار اديب، شاعر ۽ صحافي انور پيرزادي جي ڳوٺ حاجي لال بخش شيخ، جنهن کي اڄڪلهہ نئين ٻلهڙيجي ڪوٺيو وڃي ٿو ان ڪان اندازن بہ اڍائي صديون اڳ ڳوٺ پراڻي ٻلهڙيجي قائم ۽ دائم رهندو آيو آهي. وڏن وڏن لوڙهن ۽ ڏوڙ سان ڀريل گهٽين واري ان ڳوٺ ۾ نئين ٻلهڙيجيءَ جي هيري انور پيرزادي، ڪامريڊ ٺاري ماڇيءَ ڪانپوءِ جيڪو وڏو انسان دوست ڪردار پنهنجي خاص محبت ۽ تربيت سان جڳ جهان آڏو نشانبر ڪيو، اُهو آهي مامو رمضان ساريو.

پنجاهہ ايڪونجاهہ سالن جي عمر کي رسيل هي سنهڙو سيپڪڙو ۽ سادڙو مامو رمضان ساريو اڄڪلهہ جي خودغرض معاشري ۾ ان ڪري بہ مثالي ماڻهو ڳڻيو وڃي ٿو جو هن پنهنجي ذاتي سک لاءِ ڪڏهن بہ ناهي سوچيو. هن سوچيو آهي تہ اهڙن ماڻهن لاءِ، جيڪي ڏکن جي انبارن ۾ سٽيل هجڻ جي ڪري زماني جي نظرن ۾ ڪري پوندا آهن- ۽ جن کي پري پري تائين ڪنهن هٿ ۽ سهاري جي، اميد بہ نہ رهندي آهي.

مامي رمضان کي ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪابہ خوشي راس نہ ايندي آهي تہ هو ڪنهن جي ڪم اچي ۽ اُهو ٻئي جي ڪم اچڻ وارو جذبو هن پنهنجي استاد انور پيرزادي ڪان پرايو هو. جنهن جي 1982ع ڌارا ڳوٺ ۾ قائم ڪيل ”ڳوٺ سڌار سنگت“ سان سلهاڙجڻ ڪانپوءِ هن ان جي انسان

دوستيءَ وارن نقطن کي پنهنجو نصب العين بڻائي ڇڏيو هو.

انهن نقطن مان هڪ نقطو اهو هو ته نئين ۽ پراڻي ٻلهڙيجيءَ ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهو جڏهن بيماريءَ واري بستري تي داخل ٿئي ۽ علاج لاءِ وٽس ڪجهه پيو نه هجي ته ”ڳوٺ سڌار سنگت“ جا ڪارڪن ۽ عهديدار اُن جي علاج لاءِ چندي جي مهم تي نڪري پون ۽ ان کي اسپتال پهچائي علاج معالجي جو سمورو بارُ پاڻ کڻي بيهن.

ڪجهه سالن تائين ان ۽ ان جهڙن ٻين الائي ڪيترن انسان دوستيءَ وارن انوکن اصولن کي اپنائيندڙ اُها ”ڳوٺ سڌار سنگت“ جڏهن انور پيرزادي جي روزگار سانگي ڳوٺ کان پري ٽيڻ جي ڪري آهستي آهستي ويهجي صفا ختم ٿي وئي ۽ وڏا وڏا جفاڪش ۽ تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهيندڙ ان جا سڀ ڪارڪن ۽ عهديدار پنهنجي هڻ وٺ تائين محدود ٿي ويا ته نئين ٻلهڙيجيءَ جو محب پيرزادو ۽ پراڻي ٻلهڙيجيءَ جو مامو رمضان ساريو انسان دوستيءَ جا ٻه مختلف مورچا سنڀالي ويهي رهيا. جن مان هڪ مورچو ڳوٺ جي ڀلائيءَ لاءِ جاکوڙ وارو هو. جيڪو محب پيرزادو سنڀالي ويٺو ته ٻيو مامو رمضان ساريو سنڀالي ويٺو جيڪو غريب، مسڪين ۽ ٻي پهچ ماڻهن سان سلهاڙيل هو.

ان زماني کان وٺي هيل تائين مشڪل سان اهڙو ڪو ڏينهن ۽ رات نه آئي هوندي، جڏهن مامي رمضان ساريي جي گهر جو در ڪنهن اگهي علاج لاءِ نه کڙڪايو هوندو ۽ پوءِ مامو ان جي علاج لاءِ چندي جي مُهم تي واءُ مينهن ڪري نه نڪتو هوندو.

ڳوٺ جا ماڻهو، جيڪي پاڻ مسڪيني حال ۾ گذاريندڙ، تن وٽ جڏهن مامو رمضان پهچندو ته اُنهن کي مامي رمضان جو پنڌ موناڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. پوءِ وِتَ وَسَ آهر جيڪو وٽن هوندو، آڻي مامي رمضان جي هٿ تي رکندا. ڇو ته کين سؤ سيڪڙو ئي پڪ هوندي آهي ته اُهو پئسو مامي رمضان جي کيسي ۾ وڃڻ بجاءِ ڪنهن ٻي پهچ ۽ لاچار جي ئي مدد ۾ ڪتب ايندو. پوءِ ان مريض سان، ان جو مٽ مائٽ ساڻ هلي يا نه، مامو رمضان ان کي پنهنجي سنڀال هيٺ اسپتال پهچائيندو ۽ تيستائين ڊاڪٽرن، اسپتالن ۽ رت جي بوتلن وارا ڳَنَ وَڍَ ڏئي اوجاڳا ڪندو رهندو، جيستائين اهو چاڪ چڱو ڀلو نه ٿيندو.

پرائمريءَ جا پنج درجا پڙهيل هي شخص، جنهن جي گذر سفر جو ذريعو پراڻي ٻلهڙجيءَ ۾ قائم هڪ ننڍڙو هٽڙو رهندو آيو آهي، سو ”ڳوٺ سڌار سنگت“ جي انهن ڏينهن کي اڄ ٻه ساري ٽڌا ساهَ پري ٿو جڏهن نئين ۽ پراڻي ٻلهڙيجيءَ ۾ ڪنهن ٻه وقت جهجها مينهن پوندا هئا ۽ رستن ۽ گهٽين ۾ پاڻي بيهجي ويندو هو ته سمورا ”ڳوٺ سڌار سنگت“ سان وابسته ماڻهو ٽانوَ ٽپا کڻي اهو ڪڍڻ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا ۽ جتي گهٽيون هيٺ هونديون هيون ته پاڻ مٽن تي تغاريون کڻي اُتي مٽي وجهي، انهن کي لنگهه جي قابل بڻائيندا هئا.

”ڳوٺ سڌار سنگت“ جي خاتمي بعد سالن ڪانپوءِ ڪجهه جهونن ۽ ڪجهه نوجوانن ساڳئي جذبي تحت ”انڊس ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن“ وجود ۾ آندي آهي، جنهن جو مامو رمضان ساريو به اهم رڪن آهي. پر ان جي خدمت جا طور طريقا ”ڳوٺ سڌار سنگت“ کان ڪجهه جُدارا ۽ الڳ آهن.

2001ع ۾ جڏهن بلدياتي چونڊون ٿيون ته هن نئين تنظيم پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سهڪار سان گهڻي کان گهڻا ووٽ ڪنيا. جنهن جي نتيجي ۾ محب پيرزادو يو.سي بگيءَ جو ناظم بڻيو ۽ مامو رمضان ساريو ڪائونسلر. ان اليڪشن جي ورڪ دؤران تَرَ ۽ پرپاسي جا ماڻهو ٻڌائن ٿا ته محب پيرزادي سان گڏ يا پنهنجي منهن سان مامو رمضان ساريو جتي به ويو ته ڪنهن کان به پنهنجي لاءِ ووٽ جي طلب نه ڪيائين ۽ سيني کي محب پيرزادي کي ووٽ ڏيڻ جو چوندو رهيو. پر تَرَ ۾ جيئن ته سندس ساک ڀين کان وڌيڪ هئي، ان ڪري سوپ جا گل خودبخود سندس جهول ۾ اچي پيا.

عملي سياست واري ان سڄي عرصي ۾ مامي رمضان ساريي پنهنجي ٽيم سان گڏجي جيڪي اهم ڪم ڪرايا، انهن ۾ ڳوٺ وڪڙو ۾ پڪيون ناليون، فرشبندي ۽ مڊل اسڪول جي بلڊنگ. جڏهن ته تَرَ جي اڪثر ڳوٺن ۾ انهن ترقياتي ڪمن کان علاوه پڪا رستا ۽ روڊ پڻ ٺهرايا ويا. نيڪ نيتيءَ جي بنياد تي ڪرايل انهن ڪمن جي نتيجي ۾ ٻيو دفعو به مامو رمضان ساريو بلدياتي چونڊن ۾ سوڀارو ٿيو ۽ اهو عرصو به هن اهڙا ئي مثالي ڪم ڪرائيندي پورو ڪيو.

ذڪر ڪيل انهن ڪمن کان علاوه مامو رمضان ساريو ورهين کان واپڊا وارن جي ڏاڍاين کان پنهنجي مسڪين ڳوٺاڻن کي بچائڻ لاءِ پاڻ ڀين پنو هٿ ۾ کڻي انهن جي ميٽرن جي ريڊنگ نوٽ ڪري ٿو ۽ اها وچي آفيس ۾ پاڻ درج ڪرائي ٿو. پوءِ جڏهن بل اچن ٿا ته سيڙجي وڃي اُهي به پاڻ ئي وصول ڪري ٿو ۽ دَرَ دَرَ تي وڃي ڏوڪڙ وٺي اُهي بئنڪن ۾ به پاڻ ئي ڀياري اچي ٿو ۽ رسيدون مالڪن جي حوالي ڪري ٿو. ان ڪنن ڪم جو دائرو پنهنجي ڳوٺ کان علاوه ڪجهه ٻين ڳوٺن تائين به پکڙيل اٿس. جنهن ڪري مسڪين ماڻهو ڪيس سدائين دعائون ڏيندا رهن ٿا.

مُهين جي مِٽيءَ مان ٺهيل هي ماڻهو ڏينهن رات اهڙين سرگرمين ۾ مشغول رهي ٿو. ڪنهن وٽ شناختي ڪارڊ ٺهيل نه آهي ته ان کان ڪو ڪرايو وٺڻ بنا التو ان جو ڪرايو پاڻ ڀري وڃي ان کي اُهو ٺهرائي ڏئي ٿو ۽ ڪنهن جو روينيو يا ڪنهن ٻئي کاتي ۾ ڪو ڪم اٽڪيل آهي ته مامو رمضان ساريو اُهو به پنهنجون جُتيون گسائي ڪرائڻ ۾ سدائين ڦڙت ۽ چست نظر اچي ٿو.

انهن سيني ڪمن سان گڏوگڏ مامو رمضان ساريو تقريبن گذريل ٻن ڏهاڪن کان اخبارون پڙهي، انهن جون مختلف اِشوز واريون خبرون ڪٽي سوين فائيل ٺاهڻ واري ڪِرت ۾ پڻ رڌل رهي

ٿو. سندس ان ڪم جو جائزو ونبو تہ مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهبو. ڇاڪاڻ جو اهو ڪم ڪنهن فرد کان وڌيڪ اداري جو محسوس ٿيندو. جيڪو هو وڏي شوق سان سرانجام ڏيندو رهي ٿو.

سوَن جي تعداد ۾ سانڍيل سندس اهڙن فائيلن مان ڪو فائيل اوهانکي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي لکڻين جو نظر ايندو. تہ ڪو انور پيرزادو، پاڪستان پيپلز پارٽي، محترمہ بينظير ڀٽو آصف علي زرداري، وبائي بيمارين، ٻوڏ جي تباهہ ڪارين، ڌاڙيلن جي ڌاڙيوالين، نقلي دوائن جي خبرن ۾ مضمونن کان علاوه ڪاروڪاري، قبائلي جهيڙن جا انگ اکر ۾ ان پرڏيهي محقق زائفان ذات جو بہ مواد نظر ايندو. جنهن کي مڪليءَ جي قبرستان ۾ ٺٽي جي صوفياڻن درگاهن تي تحقيق جو شوق هتي کڻي آيو هو پر ٺٽي جي هڪ پوليس آفيسر ان کي چري چئي اهي ڏينهن جا تارا ڏيکاريا هئا، جو ٻين پرڏيهي محققن بہ ڳڻُ ڪري، ڳنَ ڪپائي اکيون سنڌ جي سرحد کان ڦيرائي ڇڏيون هيون.

مامي رمضان ساريي جي انسان دوستيءَ جي هڪ جهلڪ سندس هڪ ننڍڙي ٻن ڪمرن واري گهر ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿي، جنهن ۾ نياڻين جو اسڪول قائم ڪيو آهي. جتي بنا معاوضي جي ڳوٺ ۾ ڀرپاسي جون نينگريون علم جي زيور سان پنهنجا ذهن سينگاريندیون رهن ٿيون.

ايڏي ڀلي ۾ ماڪيءَ کان مِٺي مامي رمضان ساريي کي گذريل ڪجهہ مهينن کان هيپاٽائيٽس سي جي ديوَ اچي سوڙهو ڪيو آهي ۾ سندس صحت مُهين جي دڙي جي آثارن جو ڏيک ڏيڻ لڳي آهي. ان هوندي بہ ڪو اگهو اچي سندس گهر جو دَرُ کڙڪائي ٿو تہ هو پنهنجون دوائون کيسي ۾ وجهي ان جي سهائتا لاءِ چندي جي مهم تي نڪري پوي ٿو. ان کي اسپتالن تائين پهچائي، تيستائين سک جي ننڊ نٿو ڪري جيستائين اُهو سگهو ٿي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لائق نٿو بڻجي.

پنهنجو اهنج وساري هو اُهو سڀڪجهہ ان ڪري ٿو ڪري، جو هن کي خبر آهي تہ "انسان" لفظ "اُنس" مان نڪتو آهي، جيڪو ورهائڻ سان وڌندو آهيءِ ڪڏهن بہ کٽندو نہ آهي.

❊❊

## ادل سولنگي

# مُهين جو مسيحا:
# ماما رمضان ساريو

سنڌ جي قديم تهذيب جي آثار مُهين جي دڙي ويجهو سنڌو درياهہ جي ساڄيءَ ڪنڌيءَ تي آباد ڳوٺ ٻلهڙيجي سنڌ جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ صحافتي سجاڳيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ننڍڙو ڳوٺ آهي. ٻلهڙيجي جنهن مختصر عرصي ۾ تمام وڏا عالم، اديب، شاعر، سياسي ڪارڪن، صحافي، سماج سڌارڪ، ڊاڪٽر ۽ انجنيئر توڙي لطيف جا پارکو موسيقيءَ جا ڄاڻو "مُهاندا" ماڻهو پيدا ڪيا آهن.

ٻلهڙيجي جيڪو ڪڏهين "ننڍڙو ماسڪو" سڏبو هو اڄ اتي قومي تحريڪ جا اهم مورچا اڏجي رهيا آهن.

سخي شاهہ جمال جي درگاهہ تي ٿيندڙ روزانيون علمي ادبي، سياسي ۽ سماجي سرگرميون نهايت ئي اعليٰ انساني قدرن جي آبياري ڪري رهيون آهن. ٻلهڙيجيءَ جي اڄوڪي بيهڪ ۾ فقير يار محمد پيرزادو، ڪمال خان پيرزادو، ڪاڪو انور پيرزادو، قربان پيرزادو، محمد پيرزادو، محب پيرزادو، شاهہ محمد پيرزادو، فيض الله پيرزادو، ستار پيرزادو، امر پيرزادو، جانيئڙو سنڌي، حفيظ پيرزادو، نظر پيرزادو، غوث پيرزادو، سهيل پيرزادو، مسرور پيرزادو ميران، ملڪ، سنڌو راءِ ڏياچ، شهباز پيرزادو، رحمت پيرزادو، سائل پيرزادو، ذلف پيرزادو، عبدالحق پيرزادو، لطف پيرزادو، الطاف پيرزادو، سرويچ پيرزادو، ڪامريڊ نارو ماڇي، رمضان ساريو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ٻلهڙيجيءَ واسي جهونڙا ۽ جوانڙا ڳوٺ جي تعمير ۾ مصروف آهن جن مان ڪي هي جهان ڇڏي چڪا آهن تہ ڪي اڃا پيا ڏورين.

اڄ ذڪر ڪريون ٿا، ٻلهڙيجيءَ واسي رمضان ساريي جو. رمضان ساريو جنهن 1955ع ۾ چاچي وريام ساريي جي گهر ۾ جنم ورتو. چاچو وريام ساريو تنهن زماني ۾ هارپو ڪندو هيو ۽ ڳوٺ جي جامع مسجد جي پيش امامي ڪندي ڳوٺ جي ٻارڙن کي ديني ۽ قرآني تعليم ڏيندو هو. رمضان ساريي پرائمري تعليم لعل بخش شيخ اسڪول مان حاصل ڪئي. رمضان ساريي کي انگريزي پڙهڻ جو گهڻو شوق هيو. پر غربت سبب چاچي وريام کيس پڙهائڻ بدران ننڍڙو دڪان کڏي روزگار ڪرڻ لاءِ دڪان تي ويهاري ڇڏيو. اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن رمضان ساريو دڪان تي ويٺل آهي.

1980ع ڌاري ڪاڪي انور پيرزادي جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت جي شاخ ڪولي وئي ته رمضان ساريو سنگت جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر بڻيو ۽ سماجي سرگرمين جي شروعات ڪئي. ڳوٺ سڌار سنگت پنهنجي زماني ۾ ڳوٺ ۾ مثالي ترقياتي ڪم ڪرائي ماڻهن ۾ پنهنجي ساک پيدا ڪئي، جنهن جي عيوض ۾ يو.سي بگيءَ جي ماڻهن جو ڳوٺ سڌار سنگت مٿان اعتماد وڌيو. جڏهن ته ڳوٺ سڌار سنگت ان زماني ۾ شاهه لطيف يتائي ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جون ورسيون ملهايون جنهن ۾ سنڌ جا ان زماني جا سمورا سياسي، قومي اڳواڻ ۽ ڀلهڙيجيءَ آيا ۽ استاد منظور علي خان پنهنجي ساٿين سميت شريڪ ٿي، ان موقعي تي پنهنجي فن جو مظاهرو پڻ ڪيو.

ڳوٺ سڌار سنگت جي سرگرمين ۾ جتي ڪاڪو انور پيرزادو، محب پيرزادو، ڪامريڊ تارو ماڇي سرگرم هئا اتي رمضان ساريي جي سرگرمي پڻ مثالي رهي آهي.

رمضان ساريو ڳوٺ سڌار سنگت طرفان 2 ڀيرا 1991ع ۽ 1997ع ۾ ديهه ابڙي پوٽا جي لوڪل زڪوات ڪاميٽيءَ جو چيئرمين رهيو. جنهن نهايت ئي ذميواري ۽ ايمانداريءَ سان زڪوات مستحق ڳوناڻن جي سروي ڪري لسٽون هيڊڪوارٽر ڏانهن اماڻي ترت ئي زڪوات فنڊ حاصل ڪري مستحقين جي درن تي پهچي ڪين گهر ويٺي رقمون پهچائي پنهنجي ذميواري نڀائيندو رهيو. اڳتي هلي رمضان ساريي ڳوٺ جي ڊاڪٽرن، ڊاڪٽر بشير احمد پيرزادو ۽ ڊاڪٽر فياض احمد پيرزادي جي سهڪار سان بيمارن جي علاج جو بندوبست ڪيو. مختلف بيمارين جي مريضن جو مختلف شهرن جي اسپتالن مان علاج ڪرائي مريضن جي مسيحائي ڪندو رهيو آهي. اهڙي مدد ملڻ تي تَر-جوءِ جا مريض رمضان ساريي سان رابطي ۾ ايندا رهيا، جڏهن ته رمضان ساريو زڪوات فنڊ مان ترت ئي تڪڙي مدد ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪين 2 هزار روپين جو چيڪ ڏئي سندن مالي مدد ڪندو رهيو آهي.

ڪنهن کي ڪتو ڏاڙهي، ڪنهن کي ڪک سُنگهي، ڪنهن کي ڪاري ڪامڻ ورائي، رمضان ساريي جي ننڊ حرام ٿيو وڃي. امر راڳي ڪنور ڀڳت جيان نڪري پوندو شهر جي گهٽين ۾ بيمار، لاچار، بيوس مسڪين، غريب ماڻهن جي مسيحائي ڪرڻ در در تي ويندو جنهن جيڪو ڏنو جهول ۾ رکندو. سڄي شهر مان چندو گڏ ڪري ضرورتمندن جي حوالي ڪندو، سندن ويڪسين ڪرائيندو، دوائون وٺي ايندو، آپريشن ڪرائيندو. رمضان ساريي کي آرام ۽ سڪون تڏهن ايندو جڏهن بيمار صحتمند ٿي ڳوٺ ۾ اچي پنهنجي زندگيءَ جي وهنوار سان سلهاڙجي ويندو يا ڪنهن ضرورتمند جي جوڳي ۽ وقتائتي امداد يا مدد ٿيندي.

رمضان ساريو ٻه ڀيرا مڪاني ادارن جي چونڊ وڙهندڙ اهڙو اميدوار رهيو آهي جنهن کي يو.سي بگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ ووٽ ملندا رهيا آهن. رمضان ساريو يو.سي بگيءَ جو ڪار وهنوار نهايت ئي هوشياريءَ ذميواري سان هلائيندي يو.سي جي ميمبرن کي ماهوار يا ضروري گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ باقائدگي سان نوٽس ڪيندو، کين پابند ڪندو رهندو ۽ رهيو آهي. يو.سي بگي ۾ ڄاڻايل 50 ڳوٺن جون ترقياتي رٿائون جوڙي انهن جي منظوري وٺڻ ۽ انهن رٿائن کي مڪمل ڪرائڻ ۾ پاڻ نگهباني ڪندو رهيو آهي.

رمضان ساريو 1986ع ۾ جڏهن ڪاري ڪامڻ جو شڪار ٿيو، تڏهن فقير يار محمد ۽ ڪاڪي انور پيرزادي کيس علاج لاءِ ڪراچيءَ جناح اسپتال پهچايو ۽ سندس بهتر علاج لاءِ ڪوششون ورتيون ۽ سندس مالي سهائتا ڪئي. ۽ جڏهن رمضان ساريو صحتمند ٿي ڳوٺ پهتو ته ڳوٺ واسين ۽ تَر ـ جوءِ جي ماڻهن ڪانئس گهر اچي طبيعت ۾ خيريت معلوم ڪئي. رمضان ساريو ماڻهن جي وچ ۾ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندي ڪڏهن به اڪيلو ناهي رهيو. وقت اچڻ تي سمورا ماڻهو هن ننڍڙي مسيحا جا هٿ مضبوط ڪندا رهيا آهن.

رمضان ساريي، لاڙڪاڻي، گمبٽ، ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي اسپتالن تائين بيمارن جوعلاج ڪرائڻ لاءِ پنهنجو وقت، صلاحيتون ۽ محبتون متاثر ماڻهن مٿان نڇاور ڪيون آهن. رمضان ساريو بي نور نيڻن جو نور آهي، ڪنهن ضعيف انسان جي هٿ جي لٺ آهي. جنهن پاڻ کي ڏکيو رکندي به مسڪين، غريب، لاچار بيمار ۽ مستحق ماڻهن کي سکيو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندڙ شخص آهي. هن جي محبتن ۽ سخاوتن جو ڪوبه ڇيهه ۽ ڇيڙو ناهي. هو ته مسلسل پنهنجي ان ڪرت ۾ مصروف ۽ مشغول رهيو آهي.

جنهن لاءِ لطيف سائين به چيو آهي ته:

**محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،**
**تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو.**

رمضان ساريي پنهنجي علمي اُڃ اُجهائڻ لاءِ انسان ذات جي خدمت ڪرڻ جو پاڻ کي پابند ڪندي، ڳوٺ جي ٻي پهچ ۽ غريب ٻارڙن لاءِ 2005ع ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کان اسڪول منظور ڪرائي، نياڻين جي تعليم جو بندوبست ڪيو. ان کان اڳ ڪاڪي انور پيرزادي نياڻين جي تعليم جي شروعات پنهنجي گهر کان ڪئي هئي پر رمضان ساريي هن اسڪول ذريعي سموري ڳوٺ جي نياڻين جي تعليم لاءِ اڳتي وک کڻي، ڪاڪي انور جي ٻاريل علمي مشعل کي هٿ ۾ کنيو ۽ ڳوٺ سڏار سنگت جي اڻ مڪمل "مشن" کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پنهنجو وقتائتو ۽ ڪارائتو

ڪردار نڀائڻ لاءِ هڪ مثالي جدوجهد ڪئي آهي.

نياڻين جي ان اسڪول جي عمارت نہ هجڻ ڪري رمضان ساريي پنهنجو گهر اسڪول کي ڏئي سوين نياڻين جي زندگيءَ کي سنوارڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن. هن اسڪول ۾ 3۔ استاد/ ماسترياڻيون ٻارڙن کي تعليم ڏين ٿيون، جن کي ڪتاب مفت ملن ٿا ۽ پڙهائي پڻ مفت ملي ٿي. ڳوٺ جي بهتري، صفائي ۽ سنائيءَ لاءِ رمضان ساريو سدائين اڳڀرو رهندو آهي.

رمضان ساريي تي جڏهن ڪاري ڪامڻ حملو ڪيو تڏهن هن 6 مهينن تائين وڪيسين ڪرائيندي بہ عوامي خدمت جاري رکي، بيماريءَ جي بستري تي ليٽيل هجڻ جي باوجود غريبن، مسڪينن ۽ لاچارن جي مدد ڪندو رهيو آهي.

غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيندڙ رمضان ساريو جنهن پنهنجي مرضيءَ موجب تعليم حاصل نہ ڪري سگهڻ واري مجبوريءَ کي محسوس ڪندي، پنهنجي ايندڙ نسلن جي تعليم ۽ تربيت جو جوڳو بندوبست ڪيو آهي. اڄ جي هن مايا ميڙڻ واري دور ۾ ڏکايل ماڻهن جي دلجوئي ڪرڻ، مدد ۽ مسيحائي ڪرڻ هن نيڪ، ۽ خدا ترس انسان جي محبت ۽ سخاوت آهي جنهن جو اسان دل جي گهراين سان احترام ڪريون ٿا ۽ اميد ٿا ڪريون تہ هي سلسلو جاري رهندو.

# ڪاهوڙيءَ جو پنڌ

## قربان پيرزادو

ڪرڪٽا لاهي، سُک نہ سُتا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙن کي پنڌ جـــو.

(ڀٽائي)

گوتم ٻُڌَ کان ڪنهن پڇيو تہ، "انسان ۽ جانور ۾ ڪهڙو فرق آهي؟" ان سوال تي هن وراڻيو تہ "جيڪو رڳو پنهنجي لاءِ ٿو جيئي اهو جانور/ حيوان آهي. پر جيڪو ٻين لاءِ ٿو جيئي اهو انسان آهي." اسان وٽ انهيءَ وصف جا ڪوڙ سارا انسان پيدا ٿيا آهن جن ٻين لاءِ جيئي پاڻ کي اتساهہ جو ذريعو بڻايو اٿن. مامو رمضان بہ اهڙن ماڻهن مان هڪ آهي.

ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي مِٽيءَ ۾ اهڙو تاثير آهي جو چڱن ڀَلن ڳَٽپ وارن ماڻهن خلق جي خدمت کي پنهنجو نصب العين ڪري ورتو آهي. انهن مان ڪي سماج سڌارڪ رهيا آهن تہ ڪي وري سماجي ورڪر ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي ماڻهن جي خدمت کي پنهنجو شعار ڪري ورتو اٿن. اهڙن ماڻهن مان انور پيرزادو، محب حسين، گلاب ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ڪردار آهن جن پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڏا ڪم ڪيا آهن ۽ اهي ساراهہ جوڳا بہ آهن. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪڏهن ڊاڪٽر فياض ۽ مامي رمضان جي ڳٽپ نہ ڪبي تہ سماجي ڀلائيءَ واري ڪرت ۾ ڪوتاهي ليکبي.

سماجي ڀلائيءَ واري ڪم کي نظر ۾ رکندي ڳوٺ ٻلهڙيجي جي ڪجهہ سُجاڻ ماڻهن سال 1978ع ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جو بنياد وڌو جنهن جي مدد ان ڳوٺ ۾ چوڪيداري نظام، ٻارڙن جي تعليم لاءِ ڪوچنگ سينٽر سان گڏوگڏ ڳوٺ جي هيناهين ايراضين ۾ پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تحت مٽيءَ جي ڀرائي ڪرائڻ وغيره جو ڪم سرانجام ڏنو ويو. چوڪيداري نظام اهڙو مضبوط رکيو ويو جو ڪافي عرصي تائين ڳوٺ ۾ چوري چڪاري بند ٿي وئي ۽ ماڻهن کي سُک جي ننڊ نصيب ٿي.

گهڻي وقت گذري وڃڻ ڪانپوءِ ماڻهن جي پاڻ ۾ نااتفاقي ٿي وڃڻ ڪري ڳوٺ سڌار سنگت پنهنجو ڪردار اداڪري نہ سگهي ۽ اهڙيءَ طرح ڪجهہ وقت لاءِ انهيءَ ڪم ۾ رڪاوٽ پئجي وئي ۽ ڪم جي رفتار گهٽجي وئي.

انهيءَ دوران هڪ وڏو ڪم اهو ٿيندو رهيو جو ڳوٺ سڌار سنگت جي پليٽ فارم تان ڪيناڊا جي سفارتخاني طرفان جيڪا ڊاڪٽر زبيده ميموريل ڊسپينسري قائم ڪئي وئي هئي، اها هلندي رهي ۽ عام ماڻهن کي ان مان لاڀ حاصل ٿيندو رهيو. اها ڊسپينسري اڄا تائين هلي رهي آهي، جنهن جي سراسري طرح روزانہ OPD ـ 150 مريضن جي لڳ ڀڳ آهي.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڳوٺ سڌار سنگت جڏهن پنهنجو ڪارج ماٺو ڪري وئي تہ وري ڳوٺ جي

سڄاڻ ماڻهن هڪ دفعو ٻيهر انڊس ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن جي نالي سان هڪ نئين تنظيم ٺاهي ورتي ۽ انهيءَ جي پليٽ فارم تان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان لهہ وچڙ ۾ اچي ڳوٺ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ 5 _ اسڪول قائم ڪرايا ويا جيڪي اڄا تائين بهتر انداز سان ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ٻي پهچ ٻارڙن جو مستقبل سنواري رهيا آهن. هن تنظيم جو صدر گلاب پيرزادو سيڪريٽري زبير ٻگهيو ۽ خزانچي محمد رمضان ساريو آهن. جيڪي پنهنجي وِت ۽ وس آهر خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

مامي رمضان جي هڪ ٻي وڏي سڃاڻپ اها آهي تہ هن بيمار ۽ نادار ماڻهن جي خدمت کي اولين ترجيح ڏئي رهيو آهي ۽ انهن کي لاڙڪاڻو گمبٽ يا ڪراچي وغيره وٺي وڃي انهن جو بروقت علاج ڪرائي رهيو آهي ۽ اهڙن ماڻهن سان هو هر ڏک سک ۾ گڏ رهي ٿو. اهڙي خدمت کي هو پنهنجي خوش قسمتي سمجهي ٿو. اسانجي دعا آهي تہ هو اهڙن خير جي ڪمن ۾ سدائين سرخرو رهي.

❊❊

## لطف پيرزادو

# آگها ئي سَگها ٿيا !!!

ڳوٺ ٻلھڙيجيءَ جي قديم وسنديءَ ۾ ملان سارين جي پاڙي ۾ 1955ع ڌاري، ملان وريام جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ٻالڪ محمد رمضان ساريو استاد عبدالهاديءَ جي ملان مڪتب مان پنج درجا سنڌي پاس ڪري پنهنجي پيءُ جو پرجهلو ٿي بيٺو. ملان وريام ڪي پنهنجي موروثي زمين جا ٻه ٽي جريب، هڪ ٻه مينهن هئي، هي ڪڙمت جي ڪرت سان گڏ ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو دڪان به هلائيندو هو جنهن ڪي هٽي چيو ويندو هو. هن جو دڪان ايڏو وڏو نه هو جو ان کي هٽ چئي سگهجي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ”هٽيءَ مان هَٽُ نه ته هٽي ئي چَٽُ“. هن خاندان تي پوري ٿي، مامي رمضان جي سامائڻ سان اها هٽي به چٽ ٿي وئي، هي يار ڳوٺ سڌار سنگت جي پليٽ فارم تان، ا گهڻ جي سگهائي ۾ مرضن جي مروٽلين جي مرحم ٿي اڀريو هي پاڻ ويج طبيب ته ڪونهي پر، هن کي اهڙن ماڻهن جو ترس ڪجهه وڌيڪ آهي، الائي ڇو هي ڪنهن کي دُکي ڏسي، پاڻ اندر ۾ پورا پورا ٿي پوندو آهي. مونکي هن جي ان ڪيفيت مان ائين لڳندو آهي ته هن پاڻ جڏهن السر جهڙي موذي مرض ۾ لوڙيو ۽ پاڻ ڪپايو هو شايد هن کي بيمارن جو احساس ان ڪري به وڌيڪ آهي. هٽي هلائيندي هن کي روزانو ڏوڪريءَ سائيڪل تي سودي ڪٽڻ لاءِ وڃڻو پوندو هو ان تڪليف ۾ گهرو حالتن هن کي مٿيئن مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. 1989ع ۾ جڏهن ٻلهڙيجيءَ ۾ ڳوٺ سڌار سنگت قائم ٿي ته ان پليٽ فارم تان، مون جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ هن کي درخواست سان گڏ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو وٽ وٺي ويس، جنهن هن کي ڊائريڪٽر (ايڊمن) جناح اسپتال ڪراچيءَ ڏانهن سماجي ڪارڪن جي علاج واسطي، هڪ ليٽر ۽ ٻه هزار روپيه روڪ ڪرائي ڀاڙي لاءِ ڏنا. مامي رمضان جناح اسپتال ۾ پندرهن ڏينهن داخل ٿي پنهنجو مڪمل علاج ڪرايو. پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن هن جي بيماري اٿلي ٿي پئي، ڇو ته اها جسم ۾ گهر ڪري ويئي هئي ۽ پراڻي ٿڃي وئي هئي. مامي پوءِ به جناح جا چڪر ڪاڏا ۽ ڪجهه علاج لاڙڪاڻو مان به ڪرايو. ڪجهه سال اڳ رات ڏينهن سماجي ڪم ڪرڻ سبب هن کي هيپاٽائيٽس ٿي پئي، جنهن هن کي ڪٽ وٺرائي ڇڏي، ڪجهه مهينا ان بيماريءَ سان جهيڙيندي هن گذاريا. هن وقت تندرست آهي.

سماجي ڪم ۾ هن جو ڪردار ۽ خصوصيت به عجيب آهي، ڳوٺاڻن جي بجليءَ جا جهنجهٽ، ڊوميسائيل ۽ شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ، ڪنهن مريض جو علاج ڪرائڻ هن پاڻ تي فرض ڪري ڇڏيا

آهن. ڳوٺ جي ميٽر هولڊرن جا تہ هن فائيل ٺاهي ڇڏيا آهن. انهن جي بلن جي درستگي, بل معاف ڪرائڻ, قسطون ڪرائڻ, ميٽر ڪٽائڻ ۽ لڳائڻ جا ڪم هن جي بلي آهن. مريضن کي مختلف اسپتالن ۾ انهن جون ٽيسٽون ڪرائڻ, ايڪسري ڪرائڻ, انهن سان آخر تائين گڏ هجڻ, سرنديءَ وارن کان انهن لاءِ امداد حاصل ڪري انهن کي صحتياب ڪرڻ هن جو متو آهي. اهڙي ڪِرت ڪرڻ سبب هي اسپتالن, ڊاڪٽرن ۽ مرضن کان ڪافي واقف ٿي چڪو آهي. سوين ماڻهن جا آپريشن ۽ علاج ڪرائي سيني اسپتالن جي عملي سان ڇڻ هن جي دوستي ٿي وئي آهي. اهو ئي حال روينيو ۽ واپڊا جو آهي, ننڍي ملازم کان ويندي بالا آفيسرن تائين ڪيس سڀ سڃاڻن. گمبٽ, لاڙڪاڻو ۽ ڪراچيءَ جي اسپتالن ۾ هن جا سدائين چڪر هوندا آهن. ڪيترن ئي ڪراڙن جون اکيون گمبٽ مان ڪرايون اٿس. هن جي واسطي ۾ هاڻي ڪيترائي سخي مرد اچي چڪا آهن جيڪي هن جي اهڙن ڪمن لاءِ مالي مدد ڪن ٿا. اهڙي ئي هڪ سخي مرد جي خرچ تي مامو عمرو بہ ڪري آيو آهي, پلي پار جي زيارت ڪئي اٿائين ۽ ان سفر جون يادگيريون بہ قلمبند ڪيون اٿائين. ٻئي دفعي ڳوٺ جي پيش امام ملان خدن ۽ ڪجھ ٻين ماڻهن کي بہ مامي جي ڪري هيءَ سعادت نصيب ٿي آهي.

ڳوٺ سڌار سنگت جي پهرين ڪاروباري ڪميٽي ۾ پراڻيءَ ٻلهڙيجيءَ مان مامو ۽ ٺارو ماڇي, ميمبر ٿيا, جيڪي مستقل طور تي رهندا اچن ٿا, سنگت ٺاري کي ڪائونسلر چونڊرايو. مامي کي ديھ جو زڪوات چيئرمين مقرر ڪرايو. هن عرصي دوران ئي مامو مشهور ٿيو. هن جي فياضي, ايمانداري ۽ پنهنجائپ کان ڳوناڻا متاثر ٿيا, هي هلي وڃي گهرجائو ماڻهن سان انهن جي گهر ملندو هيو انهن جا حال احوال معلوم ڪري انهن جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوشش وٺندو هو. مشرف واري مڪاني ادارن جي چونڊ ۾ جنرل ڪائونسلر يو.سي بگي ٿيو ماڻهن کي فوتي , رهائشي ۽ ڄم سرٽيفڪيٽ ۽ بي فارم پڻ ٺهرائي ڏيندو رهيو آهي. منهنجو ۽ منهنجي وڏي پٽ جو ڊوميسائل بہ مامي جو ٺهرايل آهي. مامو پنهنجي جذبي ۽ ايمان سبب ان منصب تي پهتو آهي, ڇو تہ سنگت ۾ وينل گرگ هن ۽ ٺاري کي جوڳي جڳھ ڏيڻ لاءِ تيار ڪونهن, انهن پاران ڪوشش ڪري هنن ٻنهي کي پنتي رکڻ جا جتن ڪيا ويندا آهن, پر هو هنن ٻنهين اڳيان ڄامڙا لڳندا آهن. مامي جي وري طبيعت بہ اهڙي آهي جو هو پنهنجي ڌن ۾ مگن رهندو آهي. ڪنهن جي ڪابہ شڪايت ناهي ڪندو. پنهنجي سچائي ۽ نيڪ جذبي سبب هن عزت ڀريو مقام ماڻيو آهي. شايد ئي ڪو ماڻهو هجي جيڪو مامي جي شڪايت ڪري يا هن ڏانهن آڱر کڻي. باقي تہ اسين سڀ گناهن ۽ عيبن ۾ گتا پيا آهيون.

گھڻو اڳ جڏھن مامو حسين ڳپرو ھيو. نئون نئون پنجون درجو پاس ڪري، دڪان تي وڃڻ شروع ڪيو ھئائين. ان وقت ڪان مجني فقير معرفت منھنجي ساڻس ڏيٺ ٿي ھئي، مجني فقير کي ھن جون ڪجليون، ڪاريون پونئر جھڙيون اکيون وڻنديون ھيون. جڏھن بہ رمضان سان نظر ملائيندو ھو تہ صلوات سڳوري پڙھي پوءِ گفتو ڪيندو ھيو. ھي رمضان ڪان اوڌر کڻندو ھو جيڪا ٻارنھين مھيني سارين جي فصل تي لاھيندو ھو. فقير سائين قرض لاھڻ وقت فقيرن کي مٺي ديڳڙي يا ڪُٽيءَ جو وٽو قرض لاھڻ جي باس طور ڏيندو ھو جنھن تي ھن جو ٻہ سئو روپيہ کن خرچ ٿي ويندو ھو. ان محفل ۾ راڳ بہ ٿيندو ھو ۽ چانھہ جا دؤر بہ ھلندا، پيالو ۽ سلفي بہ ھلندي، فقير پاڻ صرف ٻين جون ٻيڙيون پيئندو ھو. البت چانھہ جو وڏو موالي ھو. مونکي لڳندو آھي تہ مامي کي فقير سائين جي دعا آھي، جو غربت ۾ بہ باغ بھار لڳو پيو آھي. مسجد جي خدمت، ملوڪ شاھہ مجني فقير جي سلامي پريندو رھندو آھي، اسانجي دعا آھي تہ اھڙا ڪردار عام ٿين ۽ جڳ جڳ پيا جيئن.

❁❁

# ٻين ڪاڻ جيئندڙ شخص

## الطاف پيرزادو

سنڌو درياهہ جي ساڄي ڪناري تي قائم ڳوٺ ٻلهڙيجي سنڌ ۾ هوڻ ۽ تہ ڪاپي ڏر جي سياسي ٺاڪ طور سڃاتو وڃي ٿو پر سياسي ڪيتر هجي يا سماجي، شاعري ڪان وٺي صحافت جي ميدان تائين صحافتي ۽ ادبي لڏي ۾ هڪ الڳ مقام ۽ حيثيت ماڻي آهي. هن ڳوٺ جو ڄائو مامو رمضان ساريو پڙهيل تہ فقط پنج درجا سنڌي آهي پر سنڌ جي سونهن انور پيرزادي ڪان متاثر ٿي شعور جي ان بلند سطح تي پهتل آهي جتي پنهنجو پاڻ وڃائي زندگي ٻين لاءِ ارپي ڇڏجي. ڪاري ڪامڻ جهڙي موتمار بيماريءَ ۾ مبتلا هوندي بہ هن لُڪ سخت گرمي وارن ڏينهن ۾ غريب مريضن کي اسپتالن تائين پهچائڻ ۾ شايد پنهنجي بيماريءَ جو بہ سدِباب سمجهيو. مامي رمضان ساريو جي زندگيءَ جو مقصد فقط ٻين لاءِ جيئڻ آهي.

”هن وقت تائين تقريبن 200 مردن توڙي عورتن جون اکيون ڪرائي چڪو آهيان.“ پنهنجي سماجي ڪم بابت سوال جي جواب ۾ سندس چوڻ هو تہ سندس هٿان ڪنهن جو جيڪڏهن ڪم ٿئي ٿو يا مسئلو حل ٿئي ٿو تہ هو ذهني سڪون محسوس ڪري ٿو.

پنهنجي جنم ڪان وٺي غربت، بيمارين ۽ تنگ نظر ريتن خلاف جهيڙيندي عمر جون تقريبن انهٺ بهارون گهاريندڙ هن صوفي انسان کي نہ رڳو پنهنجو خاندان ۽ ڳوٺ پر پورو تر مامو سڏي ٿو. ڪراچيءَ ۾ دل جي بيمارين جو مرڪز هجي يا ڊاڪٽر اديب رضوي جي گڙدن جي پيوندڪاري جو ادارو، جناح اسپتال ڪان ويندي لاڙڪاڻي جي سول اسپتال مطلب تہ جتي بہ ڪنهن غريب، نادار مريض جو علاج ممڪن هوندو، هي ان کي وٺي اتي پهچندو. ڪن صورتن ۾ تہ پنهنجي هڙان وڙان ڏئي انتهائي ڪنهن بيمار جو علاج ڪرائڻ کي بہ اعليٰ انساني فرض سمجهندڙ مامو رمضان ڪنهن بہ لوڀ لالچ ۾ يقين نہ ٿو رکي. سندس من کي راحت بس صحتياب ٿيندڙ مريضن جي ملندڙ دعائن سان ئي ملي ٿي. هو ٻڌائي ٿو تہ پر واري ڳوٺ فتح محمد اعواڻ جي رهواسي نوجوان ڪان ڪراچي جي ميمڻ اسپتال ۾ آپريشن بعد جڏهن ٻارنهن ڪلو رسولي نڪتي ۽ هو صحتياب ٿي ڳوٺ پهتو تہ ڪيس بہ ايتري خوشي ٿي جيتري نوجوان جي والدين کي.

هن سيحائي ڪردار جي عوامي خدمت ۽ مدد جو دائرو لفظ صحت جي شعبي تائين محدود ناهي پر توانائي جو بحران جيئن سڄي ملڪ جو ٻرندڙ مسئلو آهي تيئن لوڊشيڊنگ، واڏو بل اچڻ، ٽرانسفارمر سڙڻ ۽ هفتن جا هفتا ڳوٺن جي بجلي غائب ٿيڻ، مهين جي ڏڙي ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ بہ

معمول بڻيل آهي. سو لاڳاپيل سيپڪو آفيسن مان بلن جي درستگي ۽ سڙيل ٽرانسفارمر تبديل ڪرائڻ لاءِ به تر جا ماڻهو مامي رمضان جون خدمتون حاصل ڪن ٿا. پلي ڪم ٿئي نه ٿئي هي خدائي خدمتگار مايوس نه ٿيندو. لاڳاپيل آفيسن ۾ آفيسرن جي در جا ان وقت تائين چڪر ڪاٽبا رهبا جيستائين ڪم نه ٿو ٿئي. ورهين کان وٽي سماجي ڪمن لاءِ پاڻ ارپي ڇڏيندڙ هي املهه ڪردار هن وقت تائين مختلف اسپتالن مان هڪ هزار جي لڳ ڀڳ مريضن جو علاج ڪرائي چڪو آهي، جنهن سان به گڏجي اسپتال ويندو، ڪا لوڀ لالچ نه ڪندو. بلڪ مريض جيستائين اسپتال ۾ داخل هوندا، ان وقت تائين اسپتال جي پڊر تي ڇپر ۾ سمهندو. نه وڏائي نه غرور، پاڻ کان ننڍي عمر وارن سان به عاجزي سان پيش اچڻ مهين جي دڙي جي مِٽي مان نهيل مامي رمضان جي رت ۾ خمير جو جڻ ته اڻٽٽ حصو آهي. نه ته ڪنهن وڏيري جي پيروي ڪبي نه ئي وري ڪنهن ڏاڍي اڳيان ڪنڌ نوڙائبو بس پنهنجي ڌن ۾ عام ماڻهوءَ جي ڪم اچبو رهبو.

پنهنجي گهر ۾ قائم هٽ ۽ به جريب ٻنيءَ مان پنهنجي گهر جو چرخو هلائيندڙ هي شخص اجوڪي دور ۾ نياڻين جي تعليم جي اهميت کان چڱي ريت واقف آهي.

هن پنهنجي پنجن ئي نياڻين کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو آهي، جن مان هڪ نياڻي اباڻي گهر ۾ سنڌي ايجوڪيشن فائونڊيشن تحت اسڪول هلائي نياڻين ۾ تعليم جي شمع روشن ڪرڻ جي عظيم ڪم ۾ رڌل آهي. هن سڄي ڪم ۾ مامي رمضان سان پنهنجي جيون ساٿيءَ جو به اهڙو ئي ساٿ آهي جو مامو رمضان جيڪڏهن ڪنهن ڪم سانگي گهر کان ٻاهر هوندو آهي ته گهر جو سمورو چرخو سندس وني هلائيندي آهي.

مامي رمضان جي خدمت صرف اتي دنگ نه ٿي ڪري پر "تتي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي" کيس جيڪا واندڪائي ملي ٿي مختلف اخبارن جا يادگار ايڊيشن اهم ليکڪن جا ليک ۽ ڪالم سهيڙڻ ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو اهوڪم هو 80ع جي ڏهاڪي کان وٺي ڪري رهيو آهي. سندس بقول کيس اهو شوق ان وقت جاڳيو جڏهن ڳوٺ ۾ ئي درگاهه ملوڪ شاهه تائين صوفياڻو راڳ ٻڌي انور پيرزادو وٽس آيو هو ٻڌائي ٿو ته انور صاحب وٽس چانهه پيئڻ بعد هلال پاڪستان اخبار سندس اوطاق ۾ وساري ويو، جنهن ۾ انور پيرزادي جو ئي ڪالم هو. اهو ڏينهن اجوڪو ڏينهن مامو رمضان 80ع جي ڏهاڪي وارن سنڌ جي مزاحمتي ليکڪن ۽ شاعرن کان وٺندي اڄ تائين جي ناليوارن ليکڪن جون لکڻيون سانڍيندو، فائيل ٺاهيندو، پاڻ وٽ رکندو پيو وڃي. وٽس سنڌي ٻولي جي ماهر ۽ ناليواري تعليمدان ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جي جوڙيل گل حيات انسٽيٽيوٽ جهڙو ڪو ادارو ته ناهي پر هو مختلف شخصيتن جي مختلف معاملن بابت لکڻين ۽ سنڌ جي ٻرندڙ معاملن تي شايع ٿيل ايڊيشن جا 800 فائيل سانڍي وينو آهي. معاشي تنگي سبب وٽس نه ته لائبريري تعمير

ڪرائڻ جي سگهه آهي نہ ئي ايڏي وڏي الماري خريدڻ جي جنهن ۾ 800 فائيل سمائجي سگهن، هي 800 فائيل حقيقت ۾ سنڌ جي تاريخ آهن جيڪي مسستقبل جي مورخ کي اڄوڪي سنڌ کي سمجهڻ پرکڻ ۽ پروڙڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿا. سو مهين جي دڙي جي هن رهواسي سنڌ جي تاريخ سانڍڻ ۽ سهيڙڻ جو هي جيڪو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي، تنهن جي سرڪاري سطح تي پرگهور لازمي آهي تہ جيئن اهي 800 فائيل ۽ آئيندي جو ڪم محفوظ ڪري سگهجي. ٻي صورت ۾ گهر جي ڪٻٽن ۾ وکريل صورت ۾ رکيل فائيل دز ۽ اڏوهي جي ور چڙهي وڃائجي متيءَ جي ور چڙهي سگهن ٿا، ائين ٿيو تہ سنڌ جي سهيڙيل تاريخ دز جي ور چڙهي ويندي.

سنڌ اڄ جنهن نازڪ دور مان گذري رهي آهي، تنهن کي منهن ڏيڻ ۽ تري پار پوڻ لاءِ سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ مامي جهڙا ڪردار جيڪڏهن پيدا ٿي پون تہ سنڌ ۾ سماجي انقلاب جو برپا ٿيڻ مشڪل ضرور پر ناممڪن نہ هوندو.

## اقرار پيرزادو

# جڪرا جيئين شال

منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي جي سنئين نڪ ۾ سنهي لڪ وارو مامو رمضان ساريو توڙي جو دڪاندار ۽ پاڙي جي مسجد جو پيش امام آهي پر هن جي نظر ۾ افضل عبادت خدا جي بندن جي خدمت آهي، ان ڪري ئي هو اڳهن، بيمارن ۽ معذورن جي تيمارداري ڪندي اڪثر نمازون قضا ڪري ڇڏيندو آهي. مامو رمضان ساريو شاهه سائين جي سِٽَ اڻ چوندن مَ چئه، چوندن چيو وسار" جي هو بهو تصوير آهي، عمر جا 60 ورهيه وهائي چڪو آهي پر جواني ديوانيءَ کان وٺي اڄ تائين ڪنهن سان ٻه ڪڏهن ٻاڙو نه ٻوليائين، بدلي وٺڻ بدران معاف ۽ درگذر ڪرڻ واري رمز ۾ ريڌل، ننڍي وهيءَ کان ئي خير ڏي مائل ۽ شر وارن ڪمن کان ڪوهين ڏور، تڏهن ئي ته سندس جيڏا ۽ سرتا ڪيس "رمضان شريف" سڏن ٿا.

مامي رمضان ساريي 1955 ۾ ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ ملا وريام جي گهر ۾ اک کولي، جيڪو رڳو نالي جو ملان هو هو فقط نمازي ۽ مسجد جو شيوادار هو ۽ مسجد جي نالي ۾ ڪنهن به قسم جو ونڊ وٺڻ بدران حال آهر ان تي پاڻ خرچ ڪندو هو. ڪيس ننڍڙو دڪان ۽ ان جي پر ۾ ننڍڙي اوطاق هئي، جتي مسافر مڙي ڪي لسي پاڻي پياري سرهو ٿيندو هو.

1965ع ۾ مامو رمضان ساريو پنج درجا پرائمري پاس ڪري ڏوڪري هاءِ اسڪول ۾ ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيو هو. پنهنجي هڪ جمايتي دوست سيد نوابشاهه سيد ارباب شاهه سان گڏ سائيڪل تي پهرين ڏينهن اسڪول وڃي رهيا هئا ته نواب شاهه پهچڻ کان اڳ ۾ ئي همراهه ڦورن جي هٿ چڙهي ويو جن هنن کان سائيڪل کسي ورتي، توڙي جو اهي ڦورو ڳوناٽن سائيڪل سميت پڪڙي ورتا، تڏهن به وڏڙن هنن ڪي ايڏي پنڌ تي اسڪول وڃڻ کان منع ڪري ڇڏي. اهڙي ريت مامو رمضان ساريو سرڪاري رڪارڊ ۾ فقط پرائمري جي ڊگري رکندڙ آهي. پر هن صحت ۽ تعليم جي حوالي سان ايترو ڪم ڪيو آهي جو سوين ڊگريون رکندڙ گڏجي به ايترو ڪم نٿا ڪري سگهن.

ماما رمضان ساريي سماجي ڪمن ۾ تڏهن کان هٿ وندائڻ شروع ڪيو، جڏهن 1984ع ۾ هي بيماريءَ جي بستري تي ڪري پيو مڙس اڳ ۾ ئي نبل ۽ ڪمزور ويتر بيماريءَ نهوڙي ڇڏيس. همراهه جي مالي حالت به نيڪ نه هئي گهر ۾ هڪ ننڍڙو ڀاءُ محبوب هئس جيڪو هاءِ اسڪول ۾ پڙهي رهيو هو. ان وقت لطف پيرزادو ۽ ٻين دوستن ڪيس جناح اسپتال پهچايو، اتي ئي مڙس واعدو ڪري ڇڏيو ته صحت ماڻڻ ڪانپوءِ هي ماٺ ڪري ويهڻ بدران اڳهن ڪي صحتياب ڪرڻ وارو ڪم جاري رکندو

۽ پوءِ هن اهو ڪم ڪري ڏيکاريو. هي اپري ڏيل وارو انسان علائقي جي هزارين ماڻهن کي بڇڙين بيمارين مان بچائي آيو آهي. مامو رمضان پاڻ ته نرڏن آهي پر هن کي ڪيترائي ڏنوان سڃاڻن، جيڪي خير جي ڪم ۾ پنهنجي حال سارو سندس مدد ڪندا رهندا آهن. مامو رمضان اڳ ۾ پاڻ مريض ڀُوليندو هو انهن کي دلاسا ڏئي آپريشن لاءِ راضي ڪندو هو ۽ هاڻ ڪيس مريض پاڻ ڀُولهي لهن ٿا ۽ هي شهيد ڪنور ڀڳت وارو ٿولو ناهي اچي ڪراچيءَ جون اسپتالون پٽيندو آهي. اهڙي ريت هڪڙا اڳها سگها ٿي ايندا آهن ۽ ٻي ٽولي تيار ٿي ويندي آهي. مريض جي دوا کان وٺي پاڙي پتي ۽ ڪاڏي پيتي تائين سمورو خرچ مامو رمضان پاڻ ڪندو آهي ۽ مريض جو ٽڪو به خرچ نه ايندو آهي ۽ مريض جي خدمت به ائين ڪندو آهي جو سندن عزيز قريب به اهڙي خدمت نه ڪري سگهن. مامي رمضان کي پاڙي وارا ڪوٺين به جاني دڪاندار، همراهه دڪان مان ڪڍهن نه ڪمايو، ڪٽيو ته پنهنجي جاءِ تي پر مُور به نه موٽي سگهي. همراهه جي دڪان تي جيڪا به شئي هوندي ۽ ڪو گراهڪ اوڌر تي گهر ڪندس ته همراهه بنا چوڻ جي اها شئي سندس حوالي ڪندو ۽ پوءِ اها ڳالهه ئي وساري ڇڏيندو. ڪڏهن به قرضي کان قرض جي تقاضا نه ڪندو. پنهنجي مرضيءَ تي ڪنهن ڇهه ماهي يا سال تي ڏنو ته ڏنو نه ته مڙيو ئي خير.

ڳوٺ ۾ بجلي، نالين جي صفائي توڙي ٻي پهچ ماڻهوءَ جي هر جائز ڪم مامي رمضان کي ڪرڻو پوندو آهي. مامي رمضان جو وڏي ۾ وڏو هٿيار ٻانهون ٻڌڻ آهن. هن نياز ۽ نوڙت ذريعي مسڪين ماڻهن جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرايا آهن. هو جڏهن ڪنهن به مسئلي تي اختيار ڌڻي ڏي ايندو آهي ته اهو ان ڪم لاءِ جيترا عذر ڏيندو، مامو رمضان هر عذر تي ڪيس رڳو ٻانهون ٻڌندو ۽ نيٺ اهو هار مڃي رمضان جو ڪم ڪري ڇڏيندو آهي.

مامو رمضان ملڻ جلڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، هو نياز ۽ نوڙت سان ڪيترن ئي ماڻهن کي جڪڙي ڇڏيندو آهي، اهي ماڻهو مامي رمضان جو مسئلو حل ڪرڻ ۾ ارهائي بدران سرهائي محسوس ڪندا آهن. مامو رمضان ننڍي توڙي وڏي سان نِوڙي ڀُراتڙي پائي ملي، هٿ تي چمي ڏئي ”مان صدقو وڃانءِ نانوَ تان“ وارا شبد اچاريندو آهي.

2001ع جي بلدياتي چونڊن ۾ مامو رمضان جنرل ڪائونسلر جي سيٽ تي بيٺو. سمورن اميدوارن ۾ مامو رمضان ئي اهڙو ماڻهو هو جنهن وٽ سوزوڪي پاڙي تي ڪري ورڪ ڪرڻ جي به سگهه نه هئي ۽ ان جي پيٺ ۾ ٻيا اميدوار پاڻ پرا ۽ خوشحال هئا. جن جي حمايت لاءِ ايم.اين.ايز ۽ ايم. پي. ايز به پئي چڪر ڪاٽيا پر مامي رمضان سين کي مات ڏئي ڇڏي. ان عرصي ۾ هن ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ سماجي ڪم ڪيا. ماڻهن سان ڏک سک ۾ شامل رهيو ۽ جڏهن ٻيهر اليڪشن ۾ ساڳي سيٽ تي بيٺو ته ٻيا اميدوار جتي پنهنجي حمايت لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا هئا، اتي مامو

رمضان ٻين ڳوٺن ۾ ماڻهن کي منٿون ڪري رهيو ته مون بدران ڦلاٽي کي ووٽ ڏيو. ڇاڪاڻ ته مون کي ڳوٺ مان ئي ايترا ووٽ ملندا جو وڌيڪ ووٽن جي ضرورت ناهي. ان باوجود مامي رمضان سڀني اميدوارن کي مات ڏئي ڇڏي، هن جيترا ووٽ ڳوٺ ڀلهڙيجيءَ مان کنيا ان کان وڌيڪ ٻين ڳوٺن مان کنيائين.

مامو رمضان هيتري پيچ ڊڪ ۽ هڻ وٺ باوجود جتي مسجد جي ڀاريدار واري ڊيوٽي ادا ڪندو آهي اُتي ميلن ملاکڙن، موسيقيءَ جي پروگرامن، صوفياڻي راڳ جي محفلن، 12 ربيع جي عرس ۽ 10 محرم "يومِ عاشوره" جي پروگرامن ۾ شامل هوندو آهي. هن مذهبي ڀيد ڀاوَ جو فائيل ناهي ۽ هندو مسلم کي ڌرتي جو پرتوو سمجهي سندس سيوا ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهي.

مامو رمضان ساريو توڙي جو پاڻ گهڻو پڙهيل لکيل ناهي پر هو علم جي اهميت کان واقف آهي، هن جي ڪوشش سان ڳوٺ جي ڪيترن ئي نياڻين کي تعليم نصيب ٿي آهي، مامي رمضان پنهنجي گهر جو هڪ حصو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران هلندڙ گرلز اسڪول کي ڏئي ڇڏيو آهي، جتي سڄي ڳوٺ جون نياڻيون تعليم لاءِ اچن ٿيون، جيڪڏهن اهو گرلز اسڪول ڪنهن ٻه ٻي هنڌ ئي هجي ها ته يقينن اهو ايترو ڪامياب هرگز نه ٿئي ها پر اهو مامي رمضان تي ماڻهن جو اعتماد آهي جو اهي اسڪول ٻارن سان ڀريل آهن ۽ مامي رمضان جي گهر واري مامي غلام سڪينه ڪڏهن به ٻارن جي گوڙ تي ارهي نه ٿيندي آهي ۽ اتي مقرر ماستريائڻين سان هر طرح جي مدد ڪندي آهي. مامو رمضان ساريو اسڪولن جا دورا ڪري ٻارڙن کي همٿائيندو آهي، مختلف اسڪولن وچ ۾ تقرير، تحريري ۽ ٻيا چٽاڀيٽيءَ وارا پروگرام ڪرائيندو آهي ۽ ٻارن کي انعام به ڏيندو آهي. مامو رمضان ٻارڙن جي غيرنصابي سرگرمين ۾ به مددگار رهندو آهي ته ساڳي وقت والدين ۽ استادن کي به هٿ جوڙي ٻارڙن کي پڙهائڻ جي وينتي ڪندو آهي.

مامو رمضان نه رڳو زماني جي سڌسماءَ لاءِ باقاعده اخبارون پڙهندو آهي پر ان جي ايڊيٽوريل پيج جو به پاٺڪ آهي، مامي رمضان سوين ليکڪن جي مضمونن جون ڪٽنگس گڏ ڪري ان جا فائيل ناهيا آهن، شروعات ۾ مامي رمضان رڳو ڳوٺ جي سنڌ ليکڪن جي لکڻين کي سانڍڻ شروع ڪيو آهي، هاڻ ان ڪم ۾ به سندس دائرو وسيع ٿيندو وڃي ٿو جو هو سياسي پارٽين جو به رڪارڊ ناهي رهيو آهي.

مامو رمضان پٽاڻي اولاد لاءِ سڪايل آهي پر هن پنهنجي نياڻين کي پٽن جيترو پيار ڏنو آهي ۽ کين تعليم ڏياري آهي. هو هر ٻار کي پنهنجي پٽاڻي اولاد سمجهي مٿي تي هٿ رکي ڪاميابي جي دعا ڪندو آهي ته منهنجي اوهان ئي اولاد ۽ پٽ آهيو ۽ منهنجا وارث اوهان ئي هوندا. اسان جون دعائون آهن، ماما رمضان ساريو کي رب پاڪ صحتمند رکي ۽ عوام جي خدمت جاري رکي. آمين

## عبدالحق ساريو

# مامي جو وجود معجزي مثل آهي

محمد رمضان ساريو جو جنم 1955ع ۾ موهن جي دڙي جي ڪک ۾ واقع ”لٽل ماسڪو“ سڏجندڙ سنڌ جي نرالي ڳوٺ ”ٻلهڙيجي“ ۾ ٿيو. سندس والد فقير منش ماڻهو هو. مسڪيني حال سبب صرف پنجين درجي تائين تعليم پرائي سگهيو. ڳوٺ ٻلهڙيجي جي شعوري وهڪري کيس گهڻو متاثر ڪيو. انور پيرزادي جي ٻاريل لاٽ، ڳوٺ جي ٻين نوجوانن محب پيرزادي، ڪامريڊ تاري ماڇي، لطف پيرزادي ۽ رمضان ساريي کي مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جي ڏکن ڏولاون، مصيبتن ۽ تڪليفن کي دور ڪرڻ جو گس پسايو. مٿي ذڪر ڪيل نوجوانن انهيءَ عظيم مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ سائين انور پيرزادي جي سرپرستيءَ هيٺ هڪ تنظيم ”ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجي“ جي نالي سان جوڙي. رمضان ساريو هن تنظيم جو چيئرمين بہ رهيو آهي. ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجيءَ جي پليٽ فارم تان هنن نوجوانن ڳوٺ جي سمورن مسئلن کي پنهنجي همتن، جرئتن ۽ ڪوشش سان حل ڪيو ۽ ڳوٺ لاءِ ترقي جون نيون راهون کولي ڇڏيون. هي نوجوان خاص ڪري محب پيرزادو ۽ رمضان ساريو تہ ٻين نوجوانن لاءِ اميد اتساهہ ۽ جدوجهد جو سنيهو ٿي اڀريا. سندن ڪوشش جي ڪري ئي ٻلهڙيجي سنڌ جو هڪ اهڙو ڳوٺ ٿي اڀريو آهي جتي زندگي لاءِ سڀ سهولتون ميسر آهن. جيئن هن ڳوٺ ۾ مڊل اسڪول، ڊسپينسري، ڇوڪرن لاءِ پرائمري اسڪول ۽ ڇوڪرين لاءِ الڳ پرائمري اسڪول ۽ ڳوٺ ۾ فرشبندي جو ڪم ٿيل آهي. هنن سڄاڻ ۽ باشعور ماڻهن هاڻي هڪ نئين تنظيم ”انڊس ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن ٻلهڙيجي“ جي نالي سان قائم ڪئي آهي. رمضان ساريو هن سماجي تنظيم جو خزانچي آهي. غريبن ۽ بي آسرا ماڻهن جي مدد ۽ سهائتا ڪرڻ ڪري هن ڳوٺ جا سڀ ننڍا وڏا کين احترام واري نگاهہ سان ڏسن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ڳوٺ ٻلهڙيجي ۽ پرپاسي جي ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ سندن دروازن تي دستڪ ڏين ٿا. پوءِ جيستائين سندن مسئلو ۽ پريشاني ختم نہ ٿئي هي سچا ماڻهو سک سان نہ ويهندا آهن.

رمضان ساريو جيئن تہ پاڻ بنيادي طور مسڪين ماڻهو آهي ۽ هميشہ غربت ۽ بيماريءَ واري جنڊ جي ٻن پُڙن ۾ پيسجندو رهيو آهي، انهيءَ سبب سندس دل ۾ غريب ۽ بيمار بي پهچ ماڻهن جو ڏک وڏيڪ سمايل آهي. ڀٽائي صاحب جي سِٽ شايد رمضان ساريو جهڙن ماڻهن لاءِ ئي چيل آهي

تہ ”ڏيڪاريس ڏک گوندر گس پرينءَ جو“.

سنڌي سماج ڪي جاگيرداري نظام وڻ ويڙهي جيان وڪوڙي بي-سَتو ۽ نيم مرده بڻائي ڇڏيو آهي، جتي هر ادارو جاگيردار جي اشاري جو منتظر هجي، وڏيرڪي فون يا چِٽ ڪانسواءِ ڪو جائز ڪم بہ نہ ٿئي، اهڙي سڪتي ۾ آيل سماج ۾ ٻلهڙيجي ۽ پرپاسي جي ڳوٺن جا اڪثر مارو وڏيرن جي در تي وڃڻ بجاءِ پنهنجي همدردن ۽ هڏڏوکي دوستن ڏي وڃڻ کي ترجيح ڏين ٿا ۽ هي سڄاڻ ماڻهو پنهنجي پهچ ۽ بهتر ساک جي ڪري انهن جا مسئلا حل ڪرائي وٺن ٿا. اهوئي سبب آهي جو 2001ع جي بلدياتي اليڪشن ۾ محب پيرزادو يونين ڪائونسل ٻگيءَ جو ناظم ۽ رمضان ساريو ساڳي يو.سي تي سڀ کان گهڻا ووٽ کڻي جنرل ڪائونسلر چونڊيو ويو. هنن دوستن يونين ڪائونسل ٻگيءَ ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا. اهو ئي سبب آهي جو 2005ع جي بلدياتي اليڪشن ۾ رمضان ساريو ٻيهر جنرل ڪائونسلر چونڊيو ويو.

رمضان ساريو اهڙن ماڻهن مان هڪ آهي جن کي ڏسي انسان جي اشرف المخلوقات هئڻ تي يقين پختو ٿئي ٿو نہ تہ جيڪو ابن آدم وحشيت ۽ بربريت جا اهڙا مثال قائم ڪيا آهن جو هو ايڏي وڏي منصب جو مستحق نہ ٿو ڀاسي. رمضان ساريو هن بيحس ۽ معذور سوچ رکندڙ سماج ۾ ضم ٿيڻ کان ۽ هن مصنوعي نفرتن ڀريئي دنيا جي ڪار وهنوار کان پاڻ کي گهڻو الڳ ٿلڳ رکيو آهي. انور صاحب جي ٻاريل شعوري لاٽ کي پنهنجي ڪردار عمل ۽ پنهنجي رت ست سان جلائي رکيو اٿائين. ظلمتن جون ڪيڏيون بہ سرد اونداهيون ۽ ڊگهيون راتيون هجن، ڪيڏو بہ طوفانن جو زور هجي پر رمضان ساريو جهڙي ماڻهوءَ جو وجود ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ آهي. جتي محبتن جي امين سنڌڙي ۾ معصوم ٻارڙن کي چند ڏوڪڙن عيوض اغوا ڪيو وڃي ۽ پئسن نہ هئڻ جي صورت ۾ ڪچين ڪلين کي قتل ڪيو وڃي، جتي پنهنجي زال، ڀيڻ، ماءُ ۽ ڌيءُ کي صرف شڪ يا ذاتي دشمني پاڙڻ ۽ ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ ڪاري ڪري ماريو وڃي، جتي انصاف ٽياس تي ٽنگيل هجي ۽ انسان جا سمورا حق کسيا ويا هجن، روحن تي رهڙون هجن، چوڌس ڪربلا جهڙي صورتحال ڇانيل هجي، جتي صرف الميا ۽ سوڳ جنم وٺندا هجن ۽ جتي ڏک ۽ مصيبتن جا اڻ کٽ سلسلا هجن.

رمضان ساريو جنهن کي احترام کان اڪثر ماڻهو ماما چوندا آهن، رات ڏينهن، آنڌي مانجهي نہ صرف پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي بلڪ پرپاسي وارن ڳوٺن جي مريضن کي ڊاڪٽرن وٽان علاج وٺي ڏيندو رهي ٿو توڙي جو پاڻ السر جهڙي موذي مرض ۾ ڦاٿل رهيو آهي پر اڪثر اوهان کي سرڪاري اسپتال جي او.پي.ڊي ۾ ڪنهن مريض کي سهارو ڏيندي نظر ايندو. واپڊا کاتي کان وٺي تعليم،

صحت، روينيو ۽ ٻين ادارن جا ڦاٽل ڪم ۽ مسئلا روزانو حل ڪرائيندو وتندو آهي. غريبي ۽ مسڪيني حال هوندي بہ سڄو ڏينهن هڪ اداري کان ٻئي اداري تائين پيرين پنڌ هلندو وتندو، ڪنهن کان ڪرائي جو رپيو بہ نہ وٺندو آهي.

رمضان ساريو هتان جي غريب، بي پهچ بي آسرا، بيماري ۽ ڏکن جي ستايل ماڻهن لاءِ مسيحا آهي، هو زڪوات ڪميٽي ديهہ ابڙي پوٽا جو چيئرمين بہ رهيو آهي، ان عرصي دوران غريبن يتيمن جي پائي بہ ميري ٽيڙ نہ ڏنائين، سندس سوچ تہ پئسي کان گهڻو مٿاهون آهي پر ڪنهن ٻئي کي بہ هڪ رپيو کائڻ نہ ڏنائين. اسان جي اقتداري ڌرين کي خدا عقل ڏئي جو هو رمضان ساريو جهڙي عظيم انسان کي زڪوات ڪميٽي يا بيت المال ضلعي لاڙڪاڻي جو چيئرمين بڻائين تہ هوند ڪوبہ معذور بيمار ۽ مستحق چاهي اهو ضلعي لاڙڪاڻي جي ڪنهن بہ ڪنڊ تي رهندو هجي، زڪوات يا بيت المال جي امداد کان محروم نہ رهندو.

دعا آهي تہ خداوندِ ڪريم ڪيس وڏي ڄمار ڏئي جيئن مسڪين ۽ غريب ماڻهن جي مدد ڪندو رهي.

❋❋

## مسرور پيرزادو

# مانيٽي مزاج وارو شخص

پراڻي ٻلهڙيجيءَ ۾ هڪ هنڌ نمن جا وڏا وڻ آهن ۾ انهن نمن جو ڇانورو پري کان آيل ماڻهن کي سدائين سک ۾ آرام جا پل آڇيندو آهي. انهن ئي گهاٽن وڻن جي پرسان هڪ اهڙي شخص جو گهر به آهي جيڪو شخص جڻ ته انهن ئي نمن جهڙو گهاٽو ڇانورو ڏيندو آهي. ٻين ماڻهن کي اهي ماڻهو جيڪي زماني جي سختين کي سهي ان شخص وٽ پهچندا آهن ته انهن کي ان وٽان سک ۾ آرام ملندو آهي. اهو شخص جيڪو سيني جو مامو آهي ۾ سچ پچ ته سڳن مامن جيان پيار ۾ شفقت به ڏيندو آهي. توهان نه فقط ٻلهڙيجي پر ڏوڪري تعلقي ۾ ڪٿي به وڃي مامي جو ذڪر ڪندا ته ماڻهو سمجهي ويندا ته اهو مامو رمضان ساريو ئي هوندو. جيڪو سردي گرمي سِرَ تي سهي ماڻهن جي خدمت ڪندو رهندو آهي.

رمضان ساريو پنهنجي ذات اندر هڪ اداري جي حيثيت رکي ٿو. هي سنهڙو شخص اهڙا ڪم آسانيءَ سان ڪري ڇاڏي جهڙا پهلوان به نه ڪري سگهن. پنهنجي ڳوٺ توڙي پرپاسي ۾ موجود مريض هن ڏي اميد سان ايندا آهن ۾ هن تي ڀروسو ڪري هن کي چوندا آهن ته ”تون هلي مريض جو علاج ڪراءِ“ پوءِ سائين هي همراهه ڪڏهن وڃي لاڙڪاڻي جون اسپتالون ڪٽي ته ڪڏهن ڪراچيءَ جون ۾ جيستائين مريض صحتمند نه ٿئي تيستائين هو مريض جي تيمارداري ان جي وڏي ڀاءُ ۾ ويجهي عزيز وانگر ڪندو آهي. جڏهن مامي کان پڇيم ته پلا ڪيترن مريضن سان هينئر تائين علاج سانگي ويا آهيو ۾ انهن کي نيڪ ڪرائي موٽيا آهيو ته چيائين ”هاڻي ته اهڙن مريضن جو تعداد هزار کان مٿي ٿي ويو هوندو“ ۾ مان هن جو اهو جواب ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويس ته هزار کان وڌيڪ مريضن کي صحتمند ڪرائي اچڻ وارو نيڪ ڪم ته ڪنهن چڱي خاصي اداري به گهٽ ڪيو هوندو. منهنجي نظر ۾ اهڙا ادارا آهن جيڪي وڏين عمارتن ۾ فنڊن هوندي به اهڙو ڪم ناهن ڪرائي سگهيا. مامو رمضان توڙي جو پاڻ به صحت جي حوالي سان گهڻو نيڪ ناهي ۾ هن کي به ڪجهه بيماريون آهن پر پوءِ به هو پنهنجي فڪر کي ٻين جي پريشانين کان وڌيڪ نه سمجهندو آهي ۾ بيماري سيماريءَ مريضن سان گڏجي انهن جو علاج معالجو ڪرائڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو آهي ۾ هاڻي ته شايد هو پنهنجي طبيعت به ان وقت ئي بهتر ٿيندي محسوس ڪندو آهي جڏهن ڪو ٻيو مريض صحتمند ٿيندو آهي. مان هڪ دفعي مامي رمضان ساريي کان جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ هڪ مريض جو خيال رکندي ڏسي اهو محسوس ڪيو هو ته اهڙو خيال شايد مريض جا والدين، ڀاءُ به

نہ ڪري سگھن! اهو مريض ذهني مريض هو ۽ اهڙيون ڳالهيون پيو ڪري جنهن تي هڪ نارمل ماڻهو آرام سان چڙي سگهي ٿو پر مامو هن جي هر ڳالهہ کي پيار ۽ آرام سان ٻڌي ۽ جواب ڏئي رهيو هو. جڏهن مامي کان پڇيم تہ پلا اهو خيال توهان کي ڪيئن آيو تہ مريضن جي مدد ڪجي تہ جيئن هو صحتمند ٿي سگهن تہ هن اهو واقعو ٻڌايو جيڪو مان هيٺ هن جي لفظن ۾ ڏيان ٿو.

”هڪ دفعي جڏهن مان لڳ ڀڳ پندرهن سورهن سالن جو هوس تہ تمام گهڻو بيمار ٿي پيس ۽ منهنجي عيادت ڪرڻ لاءِ فقير يار محمد پيرزادو ۽ انور پيرزادو آيا هئا. منهنجي حالت ڏسي فقير يار محمد، انور پيرزادي صاحب کي چيو تہ ”هن کي ڪراچيءَ کڻي وڃو ۽ علاج ڪرايوس.“ ان کانپوءِ انور صاحب ۽ ٻيا ڳوٺاڻا ان ڪم سان لڳي پيا ۽ منهنجي ڪراچيءَ وڃڻ ۽ علاج ڪرائڻ لاءِ ڳوٺ مان چندو ڪرڻ لڳا. چندي وٺڻ ۾ ماستر لطف پيرزادو ۽ ياسين پيرزادو اڳيرا هئا. نيٺ ايترا پئسا ٿي ويا جو مون کي ڪراچيءَ علاج لاءِ اماڻيو ويو ۽ مان صحتمند ٿي واپس ڳوٺ آيس ۽ ان واقعي کانپوءِ مون پاڻ سان واعدو ڪيو تہ مان بہ مريضن جي مدد ڪندس ۽ انهن کي صحت جي دولت حاصل ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽائيندس.“

ان اهم ڪم کانسواءِ مامي رمضان جا ٻيا بہ ڪم اهڙا آهن جيڪي سٺا آهن. مثال طور هن پنهنجو گهر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي ڏنو آهي ۽ جيئن اها تنظيم اتي نياڻين جو اسڪول کولي. اهو اسڪول زبردست نموني هاڻي هن جي گهر ۾ هلي رهيو آهي. ان کان علاوه هن ڪيترن ئي سالن کان اخبارن جي ڪٽنگس ڪري اهڙا فائيل ٺاهيا آهن جيڪي ريفرنس طور ڪم اچي سگهن ٿا. هن وٽ مختلف شخصيتن جهڙوڪ شهيد بينظير ڀٽو سائين جي ايم سيد، ذوالفقار علي ڀٽو وغيره ۽ واقعن جهڙوڪ ٻوڏ، اليڪشن وغيره تي اخبارن جون ڪٽنگس آهن جن کي هن الڳ الڳ فائيلن ۾ محفوظ ڪري رکيو آهي. ان کان علاوه ٻلهڙيجيءَ جي ليکڪن جون اخبارن ۾ ڇپيل لکڻيون پڻ هن وٽ محفوظ آهن.

پنهنجي مزاج ۾ هڪ مانيٽو ۽ نرم ماڻهو مامو رمضان ساريو هڪ خاموش انقلابي آهي. هن جو مزاج اهڙو ناهي جو هو جلسن جلوسن ۾ دوهاندار تقريرون ڪري ۽ ٻين جي بيعزتي ڪندڙ نعرا هڻي. هو خاموشيءَ سان پنهنجو زبردست ڪم ڪندڙ هڪ املهہ شخص آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهميت بہ سٺن ڪمن جي آهي نہ کي ڇڙين تقريرن ۽ نعرن جي.

منهنجي دعا آهي تہ خدا مامي رمضان کي صحت، تندرستي ۽ وڏي حياتي ڏي تہ جيئن هو پنهنجي نيڪ ڪمن کي جاري رکي سگهي.

❊❊

عيسيٰ ميمڻ

# ڏکي سماج جي مرهم: ماما

ڏک جو رشتو سماج ۾ سڀ کان اُتم رشتو آهي. ڏک انسان کي پهاڙن جا پَنڌَ بہ ڪرائي ٿو تہ انساني رشتن کي مضبوط ۽ گهرو بہ ڪري ٿو. گوتم ٻڌ چيو هو تہ ”سُروم ڏک دکم“ معنيٰ سڀ ڪجهہ ڏک آهي. اهي ڏکن واريون جڏهن گڏجن ٿيون، تڏهن انهن جو ادراڪ بہ ٿئي ٿو تہ تدارڪ بہ ٿئي ٿو. پنڻ واريون پڌريون هونديون آهن. جنهن کي درد هوندو اهو ئي پريان جي پيچري تي هلندي ٿڪبو ناهي. هڪ درد انفرادي ٿئي ٿو ٻيو اجتماعي گهڻن ماڻهن کي دردن جي دوا هڪ سياست ۾ سُجهي ٿي. سنڌ ۾ اها سياست بہ گهڻي قدر مانار جو شڪار ٿي آهي، ڇاڪاڻ تہ گهڻائي سُرخا سوويت يونين جي زوال کانپوءِ مايوسيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا تہ ٻئي طرف سن جي سيد جا پانڌيئڙا هئا جن پنهنجو رشتو نظرين کان وڌيڪ ڌرتيءَ سان رکيو ڇاڪاڻ تہ ڌرتي نظرين کان اُتم آهي ۽ ڌرتيءَ جو درد نظرين کان جيڪڏهن حَلُ نہ ٿئي تہ ان نظرئي جي ڇڪاس ڪنهن ليبارٽريءَ ۾ ضرور ڪرائڻ گهرجي. سن جي پانڌيئڙن، پنهنجو سمورو ڪعبو قبلو سنڌ کي ٻڌائي سفر ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انهن جو سفر اڄ بہ جيئن جو تيئن جاري آهي. ڪجهہ ڌرين سنڌ جي درد کي سماجي ڳمن وسيلي حَلُ ڪرڻ کي پنهنجو ”نصب العين“ سمجهي ڏکي انسانيت جي دردن تي ڦَها رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. مسڪين جهان خان کوسي کان وٺي ماما رمضان سارئي تائين، انهن سماج سڌارڪن جو سفر آهي، جن وٽ خود هڪ درد آهي،جنهن دردَ جي معرفت دکي انسانن سان پنهنجو رشتو جوڙين ٿا.

ماما رمضان سارئي جو جنم ان ”لٽل ماسڪو“ ۾ ٿيو آهي، جنهن لٽل ماسڪو جو آخري سج سخي شاهہ جمال جي قبرستان ۾ غروب ٿي ويو آهي. اڄ اهو ”لٽل ماسڪو“ تہ نہ رهيو آهي پر لطيف جا پارکو علم و ادب جا شهسوار اڄ بہ هن ڳوٺ جي سونهن ٻڻيل آهن تہ صحافت جي دنيا ۾ پڻ ڪيترائي نامور صحافي پڻ هن ڳوٺ جي علامت ٻڻيل آهن. هن ڳوٺ جي علامت ٻڻيل آهن. هن ڳوٺ جي سڀ کان وڌيڪ سڃاڻپ”شهيدسرويچ پيرزادو“ ٻڻجي ويو آهي جنهن لٽل ماسڪو کي ”لٽل ويٽنام“ جهڙي سڃاڻپ ڏئي سچي سنڌ ۾ هن ڳوٺ جو نئون تعارف ڪرايو آهي.

هن ڳوٺ جا جيڪي ٻيا ڪيترائي حوالا آهن، اتي وڏو حوالو سماجي خدمتن جي حوالي سان ”ماما رمضان ساريو“ بہ آهي. ماما رمضان ساريو جيڪو سماجي خدمتن جي ڏس ۾ هن تر جي سونهن ٻڻيل آهي تہ اُتي تر جي سادڙن ماڻهن جو سونهون بہ آهي تہ مسيحائي ڪردار بہ ٻڌيل آهي. جنهن سماج ۾ ماڻهن کي پنهنجي ذات کان مٿي ٻين لاءِ خدمتون تہ پنهنجي جاءِ تي پر وقت بہ نہ هجي اُتي مان رمضان ساريو آنجهي هجي يا مانجهي، لُڪ هجي يا سرديون هجن، ماما رمضان

ساريو هر وقت ڏکويل ماڻهن جي سَڏَ ۾ سڏ ڏيندڙ مانجهي مڙس آهي. جيتوڻيڪ هن سماج ۾ جيڪي بہ سهولتن جي اٽاٽ رياستي بي ڏياني، ڪمزورين ۽ جاگيرداري سماج جون پيداوار آهن پر جيستائين ان جو مستقل حَلُ نڪري تيستائين عام ڪان عام مسئلي جي حل لاءِ عام ماڻهو وڏيري جي دَرن تي نوڪرون ڪائڻ ۽ حاضرين پرڻ کان وڌيڪ ماما رمضان ساريي ڪي پنهنجا دُک درد ٻڌائڻ ۾ عارُ محسوس نہ ٿا ڪن تہ اهو جذبو ۽ عمل ڪنهن بہ انقلابي جذبي ۽ عمل کان وڌ نہ آهي تہ گهٽ بہ نہ آهي.

ماما رمضان سارئي جو ٻيو وڏو ڪارنامو تعليم دوستي آهي، جنهن پنهنجي تر ۾ 5ـ اسڪول کولرائي نہ صرف ڪيترن ئي گهرن ۾ علم جو ڏيئو روشن ڪيو آهي تہ ٻئي طرف پنهنجي گهر کي بہ تعليمي درسگاهہ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هن ڳوٺ جا سڪيا ستابا ماڻهو جڏهن پنهنجي ٻارن کي وڏن ادارن ۾ پڙهائڻ، نوڪرين ۽ روزگار جي سلسلي ۾ پنهنجي ڳوٺ کي الوداع ڪري زندگيءَ جون سموريون لذتون ماڻڻ کان پوءِ بہ ڪڏهن ڳوٺ يا تر جي لاءِ سوچڻ يا ڪو عملي ڪردار ادا ڪرڻ کان عاري هجن تڏهن هي ”ماما“ پنهنجي ڏٻري جسم ۽ غريبي حال هوندي جڏهن علم جا ڏيئا روشن ڪري تڏهن بہ اسان جي بيحسي اُها هجي جو هن پيغمبر صفت انسان جي عظمت کي سڃاڻي نہ سگهون، تڏهن يقيناً سماج جي ڏيوالپٽي ۾ ”ساڃاهہ“ جو ڏيوالپٽو بہ شامل ٿي چڪو آهي ۽ جڏهن بہ سماج ۾ ساڃاهہ جو فقدان شروع ٿي وڃي، يقيناً ان سماج ۾ هزارين ٻيون بيماريون پڻ جنم وٺنديون آهن.

ماما رمضان ساريو تہ سادگي ۽ سچائيءَ جو بہ مجسمو آهي. هن جي سادگي سندس اٿڻ، ويهڻ کان وٺي عام زندگي تائين مثالي رهي آهي. سچائي ايتري جو ڪنهن جي پائي بہ ميري ٿيڻ نہ ڏيندو. ڏينهن جا ڏينهن عام ماڻهن جا ڪم ڪندو وتندو پر مجال آهي جو ڪنهن ماڻهوءَ کان بہ ٽڪا وٺي پنهنجي گهر کڻي اچي. ٻُک ڏک تي ماڻهو جڏهن علاج يا ٻين ڪمن جي ڏس ۾ جيڪي بہ رپيا ڏيندو اهي بہ امانت سمجهہ خيانت ڪرڻ ”ماما“ جو ڪڏهن بہ وڙ نہ رهيو آهي. هن جي دامن ”دامن نچوڙلين تو فرشتي وضو ڪر لين“ جهڙو صاف رهيو آهي.

ماما جي علم دوستي، تعليم دوستي ۽ انسان دوستيءَ مان محسوس ٿيندو آهي. هي دراوڙي نسل جي ڪنڀر جي سنڌوءَ مان ڳوهيل ڇيڪي مٽيءَ مان ٺهيل آهي جيڪو اڄ بہ سنڌو جي عظمت ياد ڏياري ٿو. هي سنڌو تهذيب جو وارث ”ماما“ آهي جنهن پنهنجي سچائيءَ ۽ سادگي جي ذريعي مثال قائم ڪري ڏيکاريو آهي. هي سماج جنهن ۾ رهندي ساهہ ٻوساٽجي ٿو. ”ماما“ هن سماج جي ٿڌي هير مثل آهي؛ جنهن جي پاڪر ۾ ڪُل ڪائنات جو سڪون ملندو هجي. ماما رمضان سماج جو بيراميٽر آهي جنهن جي وسيلي سماج جو قبلو درست ڪرڻ لاءِ ڪيئي درس موجود آهن. نہ صرف سماج کي ماما جهڙن ڪردارن جي ضرورت آهي پر ماما کي بہ سماج جي ضرورت آهي، جتي سماج جي خدمت ڪندي فرحت محسوس ڪري ٿو ۽ سماج ”ماما“ جي جياپي جو سبب بہ آهي تہ

ذريعو بہ آهي ۽ يقيناً هن دکي سماج جي مرهم ”ماما“جهڙن ڪردارن کان سواءِ ممڪن بہ نہ آهي.

# مامو رمضان: هڪ ٽرسٽ

## انور ڏنگڙائي

جيڪي چوندا آهن تہ "ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ گھرجي"، مان انهن کي غلط ٿو سمجهان ڇو تہ ڪجھ نہ ڪجھ ۾ غلط ڪم بہ اچي ويندا آهن. باقي "ڪجھ" ڪجي، اهو صحيح آهي. ڪجھ ڪجي اهو آهي تہ ٿورو ڪم ڪرڻ ڏانهن اشارو پر جيستائين گھڻو ڪجھ ڪجي تيستائين ڪجھ ڪندو رهجي تہ گھڻو ڪجھ پاڻهي ٿي ويندو. اسان وٽ هڪ طرفو ڏنو وڃي ٿو تہ ماڻهن جو سخت ڏڪار لڳو پيو آهي، ماڻهو بہ پيدا ڪونہ ٿا ٿين، جيڪي پيدا ٿين ٿا تہ بچن ڪونہ ٿا. جتي اهڙو ڏڪار هجي اهڙي اٽاٽ هجي، ان جڳھ تي ڪو ماڻهو جيڪڏهن ڪجھ ڪري ٿو تہ اهو بہ گھڻو ڪجھ لڳي ٿو. هر ماڻهو تہ اهڙو نہ ٿو ٿي سگهي، پر سوچڻ وارن ماڻهن مان جيڪڏهن ڪجھ ماڻهو بہ ڪجھ ڪندا رهن تہ پڪ سان اسان اهو ڪجھ حاصل ڪري وٺنداسين، جيڪو ڪجھ اسان سوچون ٿا ۽ چاهيون ٿا.

مون ڇيو آهي تہ ماڻهو ان ماڻهن مان پيدا ٿيندا آهن جيڪي سوچڻ وارا ٿيندا آهن ۽ يقين ڄاڻو جيڪي سوچڻ وارا هوندا آهن انهن جون ننڊون حرام هونديون آهن. انهن جون ننڊون ٻين جا مسئلا ڦٽائيندا آهن. هو سوچيندا ئي ٻين جي مسئلن تي آهن، پنهنجا مسئلا انهن لاءِ ثانوي حيثيت اختيار ڪري ويندا آهن. مامو رمضان ساريو سوچي ٿو پنهنجو خيال نہ ڪرڻ سدائين ٻين جي خيال ڪرڻ ۾ خيال ڪتل، رستي سان ويندو تہ انهن ئي خيالن ۾ گم، توهان هڪ دفعو محبت سان ڪيڪاريوس ٻئي دفعي لڙي اچي اوهان سان ملندو، نہ تہ سدائين رمتو جوڳي نظر ايندو. هو سيني جو مامو آهي، ان ڪري جو سڀ هن جا ماما آهن. ڪنهن جو بہ رخو نالو نہ وٺندو ۽ ڪيربہ هن جو رخو نالو نہ وٺندو. اهڙا ماڻهو متضاد بہ ٿيندا آهن پر هن سان مون ڪنهن جو بہ تضاد نہ ڏٺو آهي. ٻاهر نڪرندو تہ فائيلن جو بنڊل بغل ۾ جنهن ۾ رڳو ٻين جا مسئلا سٽيل هوندا، ڪڏهن ڪهڙي آفيس تہ ڪڏهن ڪهڙي آفيس. اسان تہ صرف ڳالھ ٿا ڪري وڃون تہ هو آفيس جا چڪر لڳائيندو وتي ٿو پر انهن آفيسن ۾ هن کي مشڪلاتون ڪيتريون سامهون اينديون هونديون؟ جنهن ملڪ جي آفيس جو پٽيوالو بہ ٻي سيءَ جو ڏيک ڏيندو هجي، ان آفيس جي آفيسر جو رويو ماڻهوءَ سان ڪهڙو هوندو سو بہ ان ماڻهوءَ سان جو ٻين جا ڪم ڪندو هجي ۽ مفت جا ڪم ڪرائيندو هجي.

هن ڪم جي شروعات گهرن آڏو گهٽيون صاف ڪرڻ سان ڪئي. ان دور ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جو چڱو خاصو ڪم هو. سنڌ ۾ هن جي ڳوٺ ۾ بہ هڪ يونٽ سرگرم هو. ان پليٽ فارم تان هي ڇا

ڪندا هئا جو جڏهن ڪا هيناهين گهٽي ڏسندا هئا جتي پاڻي بيهي ويندو هجي تہ اتان پرپاسي مان ڪنهن گند ڪچري جو ڍير تاڙي اهو گهلي ان هيناهين ۾ وجهي گهٽي کي گهمڻ ڦرڻ جهڙو ۽ فضيلت ڀريو ڪري ڇڏيندا هئا. ائين ڪم ڪندي ڪنهن غريب جي مالي سهائتا بہ ڪري وٺندا هئا جن مان ٻيا تہ ٺڙي پکڙي ويا پر هن کي اهڙي سُٺي ڀئجي وئي جو هن ان ڪم کي ڀلائيءَ جي هِن سِٽَ مصداق ڪنيو تہ ”اول آخر آهہ هلڻ منهنجو هوت ڏي“

ڳوٺ سڏار سنگت جي پليٽ فارم تان تہ تمام گهڻو پاڻ ملهايائين پر وري هڪ ٻي سماجي تنظيم انڊس ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن ٺاهي ان ۾ ڪم شروع ڪيائين. ان تنظيم جي ڪمن جو ٻيو سمورو نچوڙ هڪ پاسي پر جيڪي اسڪول منظور ڪرايائين اهو هڪ ڪم ئي هن جي تاريخ ٺاهڻ لاءِ ڪافي آهن. هن وقت تائين پنج اسڪول منظور ڪرائي چڪو آهي. جن مان ”جهولي لعل“ نالي موهن جي دڙي ڀرسان ڊنڊ ڳوٺ ۾ ٻيو ”سرهاڻ“ نالي ڪانءَ پور ۾، ٽيون ”لب درياهہ“ امام بخش ملاح ۾، چوٿون ”ماروئڙا“ پلي ڏنو ابڙو ۾، پنجون ”ڀلائي“ فتح محمد اعواڻ ۾ جن ۾ هڪ ئي وقت هزارين ٻار پڙهن ٿا. ۽ چوويهہ ملازمن کي روزگار پڻ مليو آهي. جيڪي هنن اسڪولن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

پنهنجي سڄي زندگي ارپي ايڏا وڏا ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ جي پنهنجي مالي حيثيت ڇا آهي؟ اهو بہ معلوم ڪندا هلون. هڪ ايڪڙ زمين جنهن جي اپت خرچ لئي ڪيتري هوندي اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ڪانهي. گهر جي ڪنڊ ۾ هڪ ڪمري ۾ هڪ ننڍڙو دڪان جنهن ۾ ايترو سودو رکيل آهي جو اهو ميڙي سيڙي ڳنڍ ٻڌي ڪو ڪڻڻ چاهي تہ هٿ ۾ ڪنيو هليو وڃي. گراهڪي ايتري جو ٽي ڪلاڪ ويهڻ دوران اسان صرف هڪ ٻار کي ڪٽمنڙو وٺندي ڏٺو. ٻيو ڪوبہ آمدنيءَ جو ذريعو ڪونہ. ويتر هڙان وڙان خرچ ڪرڻ جي هير ڀيل گهر ڇئن ڪمرن تي مشتمل جن مان ٽي ڪمرا اسڪول جي حوالي ڪري ڇڏيا اٿائين. هڪ ڪمرو تہ رڌڻو پئي لڳو. يعني پنهنجي گهر جو رڌڻو بہ اسڪول جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿائين. پاڻ صرف هڪ ڪمري ۾ سوڙهہ سنگهيڙ ۾ رهي ڏکين حالتن ۾ گذر سفر ڪندي بہ چهري تي نہ رنج نہ ڏک يا تڪليف جي ڪا علامت ظاهر ڪندو آهي. جڏهن بہ ملندو آهي، چهري مان اطمينان ڪلندو نظر ايندو. پهرين جماعت کان ائين جماعت تائين پڙهندڙ ٻارن جي گوڙ شور ۽ ٽاٻڙڪي جي وچ ۾ رهندي بہ نہ صرف سڪون واري زندگي گذاري ٿو پر لطف ۽ سرور جون سرڪيون ڀريندي هڪ آئٽ جي خمارن ۾ خماريل نظر ايندو. ٻيو وڏو ڪم اهو ڪندو رهي ٿو تہ الاهي سارن ماڻهن، تنظيمن ۽ مختلف مسئلن جا الڳ الڳ فائيل ٺاهيندو رهي ٿو. انهن ماڻهن جون لکڻيون هجن، تنظيمن پاران بيان بازيون هجن يا تنظيمي رپورٽون هر ماڻهوءَ هر تنظيم

هر مسئلي جو الڳ فائيل انهن فائيلن جو ڳاٽيتو ڪبو ته اٺ سئو ڪان مٿي انگ بيهندو انهن فائيلن جي رکڻ لاءِ وتس ڪشادي جاءِ ڪانه آهي، بس وجي ٿو هڪ ٻئي جي مٿان سٿيندو دڪان ۾. دڪان هلائڻ ڪان وڌيڪ وقت انهن فائيلن کي ڏيندو آهي، ان ڪم جي شروعات ڪيئن ڪيائين؟ اهو به هڪ عجيب اتفاق هو 1980ع جو دور هو انور پيرزادو هن سان ڪچهري ڪندي جڏهن اٿيو ته هن وٽ اخبار وساري ويو جنهن ۾ انور پيرزادي صاحب جو مضمون هو هن پيري اخبار هٿيڪي ڪري رکي، وري سوچيائين ته چونه ان مضمون کي ڪٽي فائيل ڪري وڌيڪ هٿيڪيون ڪري رکجي. بس هڪ مضمون فائيل ڪيائين ته ان مضمون مان اهڙو ته ڦاسي ويو جو نه صرف انور صاحب جون لکڻيون پر ٻين لکيڪن جون ۽ مسئلن تي لکڻيون هٿيڪيون ڪندو ويو هن کي همٿائڻ وارو ڪوبه نه هو ان ڪري چپ چاپ ۽ گمنام ڪندو رهيو. هو صرف ٻن ماڻهن طالب چنو ۽ غلام محمد ساريو جو نالو ڪٽي ٿو جن کيس همٿايو. هن جي ڪم جون ڪي گهٽيون مخالفتون ڪونه ٿيون. باقي ٽوڪون ٽنوليون جام ٿيس، وڏن سان گڏ ٻار به ٽوڪيندا هيس، جيڪي ساراهه ڪندا هيس اهي به آخر ۾ چوندا هيس، ”هي ڪم ڪهڙي ڪم جو“ سماجي بيقدري، اڻ سهائپ، ٽوڪن ٽنولين جو هن وٽ هڪ ئي جواب آهي ته پراڻو پر جنهن به ان جملي جو سهارو ورتو ته اهو سمورين رڪاوٽن مان نڪري پار پيو اهو جملو آهي ”عشق ۾ ڪهڙا ليکا“. سماجي ڪم به ائين ڳچيءَ ۾ پئجي ويس، ضيائي مارشل لا جو دور هو ضياءَ جا پنهنجا پيدا ڪيل ڌاڙيل جي آڙ ۾ ماڻهن تي مارو درياهه جي ملاحن جون ٻيڙيون ته ضبط هيون پر دادو ڪئنال جي ملاحن جون ٻيڙيون به فوجي قبضي ۾ هيون، هڪ ملاح جنهن جي روزيءَ جو ذريعو صرف هڪ ئي ٻيڙي هئي اهو هن وٽ آيو ۽ ٻيڙي ڇڏائي ڏيڻ جو چئي ۽ پلٽي ماري ويهي رهيو. مجبور ٿي درخواست لکيائين پر درخواست تي صحيح ڪرڻ لاءِ ڪو به تيار نه هو. ان وقت ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو علي اڪبر نالي ڪو همراهه هو ان ڏاڍهن ويو هن ڳالهه سمجهي پرميشن ڏنس، بس جيئن ماڻهن کي خبر پئي ته مامو رمضان ماڻهن جا ڪم ڪري ٿو ته، اهو ڏينهن ۽ هي ڏينهن ماڻهن جون هن ڏانهن قطارون آهن. بيمارين جو اتفاق وري هيئن ٿيو ته پاڻ بيمار ٿيو، چندو ڪنو ڪري پنهنجو علاج ڪرايائين، چندي ڪٺي ڪرڻ جو ڏانءُ هٿ اچڻ جي دير هئي هر بيمار لاءِ ساڳيو نسخو استعمال ڪري هزارين ماڻهن جو علاج ڪرائي چڪو آهي، تازو جڏهن هن جي ڪمن جي ڊاڪيومينٽري ڪي.ٽي.اين تي هلي ۽ ماڻهن ڏٺي ته هڪ سخي بندي هن کي تعاون جي آڇ ڪئي. ٿوري عرصي ۾ ان جي سهڪار سان به سئو ماڻهن جي اکين جو آپريشن ۽ هڪ ماڻهو شهزادو اعوان جي پيٽ مان 12 ڪلو رسولي آپريشن ذريعي ڪيرائي چڪو آهي. جيڪڏهن اهڙا ماڻهو ٻيا به گڏجي پون ۽ هن ماڻهوءَ کي ٿوري ٽيڪ ڀرائين ته هن وٽ هڪ ٽرسٽ قائم ٿي سگهي ٿي ۽ اهو ڀراڙي لاءِ هڪ مثال هوندو. شهرن ۾ ته گهڻا ادارا ڪم ڪن ٿا پر ڀراڙي

جي سادن سودن ابوجهہ، اٽپڙهيل غريب ۽ منجهيل ماڻهن لاءِ ڪا اهڙي ٽرسٽ قائم ٿي پوي ته ڇا ڳالهہ ڪجي.

❊❊

# هڪُ ساھَ سَيباڻو ماڻهو

## ڊاڪٽر سيد گدا حسين بخاري

ڪنهن فلسفيءَ چيو تہ ماڻهو بہ وڻ، ٻوٽن ۽ ولين جيان ٿيندا آهن. جيئن ڪي ماڻهو ساين لاٽين جهڙا ٿيندا آهن, منجهن ڪو هُل هنگامو ناهي هوندو بنه سانتيڪا ۽ گهرا هوندا آهن. ڪي ماڻهو وري رات جي راڻيءَ وانگر هوندا آهن, جڏهن لوڪ سمهندو آهي تہ هو جاڳندا آهن ۽ پنهنجي هُٻڪاءُ سان عالم کي ٻهڪائيندا آهن. ڪي ماڻهو انب جي وڻ جهڙا هوندا آهن جيترا سندن ٽارين ۾ انب جهجها ٿيندا ويندا اوترو جهڪندا ويندا. ڪي ماڻهو وري نم جي وڻ جهڙا قدآور, ٿڌا ۽ وڏي ويڪري ڇانوري وارا هوندا آهن. فنا ڪايو تہ سيني کي وڃي پر جيڪي ٻري ٻاريندا آهن انهن جا داستان صدين تائين پيا ڳائبا آهن. اهڙو ئي ٻري ٻاريندڙ نم جي گهاٽي ڇانوَ جهڙو ڪاهوڙي ڪرداري مامو رمضان آهي. فرشتا صفت ۽ جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ هن صوفي منش ماڻهوءَ پنهنجي زندگيءَ خلق خدا جي خدمت ۽ ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. ڏسڻ ۾ نهايت نفيس, نازڪ ۽ پر پنهنجي عزم ۽ ارادن ۾ هماليہ جبل کان وڌيڪ مضبوط, هي موهن جي دڙي جي مِٽيءَ جو ماڻهو پنهنجي حال, حيثيت ۽ وسيلن کان گهڻو وڌيڪ سماج جي مجبور ۽ ڏکايل طبقي جي نہ صرف نمائندگي ڪري ٿو پر سندن ڏکن سورن ۾ عملي طور ٻانهن ٻيلي ٿي سندن دردن جو درمان ڪري ٿو. مامو رمضان ماڻهن جي سماجي, معاشي ۽معاشرتي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري ٿو. سماج جي غريب ۽ بي پهچ بيمارن جي مالي سهائتا ڪري ٿو.

مامي رمضان جي شخصيت جا انيڪ پهلو آهن. هو پنهنجي شخصيت ۾ هڪ اهڙو سماج سڌارڪ تعليم دوست, سنڌ دوست, محبتي, مهمان نواز ۽ ٻاجهارو ماڻهو آهي جنهن جي صحبت ۾ ڏکندو ڏور ٿيو وڃي. مامي رمضان ڳوٺ ۾ تعليم جي فروغ لاءِ پنهنجي گهر ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان پرائمري سطح جو هڪ اسڪول کوليو آهي جتي سندس ئي خاندان جون نياڻيون سماج جي ڏتڙيل ۽ بي پهچ طبقي جي ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪري رهيون آهن. سندس سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ هي ادارو هر سال بهترين شاگرد تيار ڪري سرڪاري اسڪولن ڏانهن موڪلي ٿو. مامو رمضان گهٽ پڙهيل هئڻ جي باوجود نهايت باشعور, روشن خيال ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ ماڻهو آهي, جنهن جو ثبوت سندس خاندان جي نياڻين جي تعليم ۾ شموليت ۽ نمايان حيثيت آهي. سندس خاندان جي نياڻين تعليم جي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي ۽ هڪ مثالي شاگرد جي حيثيت سان سڃاتيون وڃن ٿيون.

مامو رمضان جنرل پرويز مشرف جي دورِ حڪومت ۾ ناظمي نظام دوران بہ دفعہ ڪائونسلر چونڊجي چڪو آهي. جيئن تہ مامي رمضان جو ڪو خانداني سياسي پسمنظر نہ هيو نہ ئي ڪو

سياسي آشيرواد يا پٺڀرائي، ان جي باوجود ذاتي حيثيت، پنهنجي شخصيت ڪارڪردگي ۽ نج ميرٽ جي بنياد تي علائقي جي ماڻهن هن مرد مجاهد تي پختو ويساهه ڪندي تمام گهڻا ووٽ ڏئي ڪيس اڪثريت سان ڪامياب ڪيو ۽ موٽ ۾ مامي رمضان به پنهنجي علائقي جي ماڻهن جي بي لوث خدمت ڪئي.

مامي رمضان جي شخصيت هن سماج لاءِ هڪ رول ماڊل آهي. اگر اهڙن عُمده ماڻهن کي آئيڊيل بڻائي اسين سڀ پنهنجي ڪردارن جو تعين ڪيون ۽ پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪندي وت ۽ وس آهر پاڻ پتوڙيون ته هن پونچال واري صورتحال ۾ سماج جي بهتريءَ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو. ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته مامي رمضان جهڙا انمول ڪردار معاشري لاءِ آئينو آهن جن ۾ پنهنجي اوڻاين ۽ ڪوتاهين جو اولڙو چڪيءَ طرح پسي سگهجي ٿو ۽ اهڙن آدرشي انسانن جي گَس تي هلڻ سان ئي منزل ملي سگهي ٿي.

ڪر ڪوواڪو وسُ، وه مَ منڊ پنيور ۾،
چڙهي ڏاڍين ڏُونگرين، پيرُ پنهونءَ جو پَسُ،
ڏورڻ منجهان ڏس، پوندءِ هوت پُنهونءَ جو. (شاهه)

## بهشت خاتون پيرزادو

# نم جي گهاٽي ڇانوَ جهڙو ماڻهو

نماڻو آواز، پيار ڀرين لفظن وارو ماڻهو حساس طبيعت وارو. ڏال سوڍو جڏهن ڏس ته ڇوڪرين کي اسڪول ڇڏڻ پيا وڃن. اڳ ڇوڪرين کي ڪونه پڙهائيندا هئا، نه ڪي ڊيوٽي ئي ڪرائيندا هئاسين. هاڻي پڙهايون به ٿا ته ڊيوٽي به ڪرايون ٿا. پر اسان پاڻ انهن کي ڇڏڻ يا وٺڻ ويندا آهيون. مامي کي ڪو پٽ ڪونهي باقي ڏيئر آهن. اهي پڙهن به ٿيون ته پڙهائن به ٿيون. هڪڙا پنج اسڪول آهن جن کي هوم اسڪول چئبو آهي، هر هڪ اسڪول ۾ ٽي چار، ماسترياڻيون آهن جن جي هي سنڀال سڙي ڪندو آهي.

هڪ دفعي ماروئڙا اسڪول جي ٽيچر بيمار ٿي پئي، لاڙڪاڻي اسپتال مان دوا وٺي آئي ڪو فائدو نه ٿيو مامو رمضان ان کي دوا لاءِ ڪراچي وٺي ويو جتان هو صحتياب ٿي موٽي ڪنهن محل وري اسڪول "مهين جي جهولي" جو امتحان آهي ته هو پنا ڪاغذ رزلٽيون ڪٽائي امتحان ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو ڪنهن محل ڳوٺ ۾ اسڪول لاءِ پلاٽ ڪونهي ته هو لال بخش ملاح جهڙي دوست ماڻهوءَ کي سمجهائي راضي ٿو ڪري ته ادا پلاٽ ٽڪرو ڏي ته معصوم نياڻين جي تعليم جو ڪو اسڪول کُلي ته ٻارڙيون علم پرائن. ان اسڪول جو نالو به پوءِ "لب دريا" رکنداسين. ڪنهن محل ڏس ته اسڪول "سرهاڻ" ۾ فرنيچر جي کوٽ آهي ته ماستريائڻين سان گڏجي وڃي فرنيچر ڪٽائي ايندو آهي. اسڪول "ڀٽائي" ۾ ٻار گهٽ آهن ته انهن جي ڀرپاسي وارن گهرن جي مالڪن سان ملي ڪري ٻار وٺي وڃي ٿو. هن پنهنجي ذاتي گهر جو اڌ اسڪول کي ڏنو آهي جتي ٽي چار ماستريائڻيون پڙهائن ٿيون.

اسڪول مان ڪنهن کي سرٽيفڪيٽ وٺڻو آهي ته اهو سولي طريقي سان مامو رمضان ئي وٺي ڏيندو. نادرا مان ڪو فارم يا شناختي ڪارڊ يا ڊوميسائل، نڪاح نامو وٺڻو آهي ته اهو ڪم به مامو ڪري سگهي ٿو. پنهنجي ياڻپي ۾ به هي غريب عزت لائق آهي. پراڻي ٻلهڙيجي ۾ رهندڙ هي ماڻهو نمن جي گهاٽن ڇانورن ۾ صاف سٿرو ماحول ناهيندڙ ڪڏهن به ڪنهن گهر آيل ماڻهوءَ کي ماني يا چانهه کان سواءِ نه ڇڏيندو آهي، جيڪو وٽس موجود هوندو، سو حال سارو حاضر ڪندو آهي. پاڙي جو ڪو ٻار يا اسڪول جو ٻار يا پاڙي جو ماڻهو بيمار آهي ته هن جي زال به گهر ڇڏي ان کي ويجهي اسپتال وٺي ويندي آهي ۽ بيمار جي مائٽن سان به همدردي ڪندي آهي.

# موتيءَ جهڙو مامو رمضان ساريو

## وحيد سولنگي

مامو رمضان هڪ انسان دوست ۽ غريب ساجاهه ونڊ ماڻهن جي خدمت ۽ انهن سان محبت ڪندي سڪون محسوس ڪندڙ انسانن مان آهي. مامو رمضان فرشته صفت رکندڙ هڪ سچو ۽ نيڪ خيالن جو مالڪ آهي. هن هميشه غريب ۽ بيوس، بي سهارا يتيم ماڻهن جي مدد ڪرڻ ڪان ڪين ڪيٻايو آهي. پوءِ ڀلي ڏينهن هجي يا رات. هن پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن، جن ۾ بنيادي سهولتون، جهڙوڪ بجلي، روڊ رستا، صحت، تعليم، صفائي جهڙن ڪمن ۾ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪمن ۾ سماجي ورڪر طور ڪم سرانجام ڏنا آهن. انهن ڳوٺن جا ماڻهو مامي رمضان جي خدمتن، محبت جي ساراهه ڪندي ناهن ٿڪيا. اڄ به مامي رمضان جي ڪيل محنت، خدمتن جا سهڻا لفظ پنهنجي زبان تي آڻيندي فخر ڪندا رهن ٿا.

ڳوٺ ٻلهڙيجي، بگي، ٻنڌي، برادي ساريه، الهيار ساريو غلام محمد ساريو فتح محمد اعوان، ليماٽي ساريا، ملان ساريا، حاجي مشوري، ڍنڍ، جمن اعوان، امام بخش ملاح، ڀلي ڏنو بيهڻ سميت ٻين ڪيترن ڏوڪري  تعلقي جي مختلف ڳوٺن جي هر ذات، هر طبقي، هر مذهب، هر فرقي جي ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي.

تعلقي ڏوڪري جي مختلف يونين ڪائونسلن جي ٻهراڙيءَ  وارن ڳوٺن ۾ ڪيترا ئي منجهيل مسئلا مختلف طريقي سان حل ڪرائيندو رهيو آهي، مامو رمضان هر ڪم ۾ سچائي، ايمانداري ۽ بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي غريب ماڻهن جي ڏکئي وقت ڪم اچڻ ۾ پٺتي ناهي هٽندو. هن سدائين غريب بي سهارن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪيا آهن ۽ هڪ دفعي مامي سان ملڻ لاءِ دل چيو، مامي جي گهر جي ڳليءَ تي بيهي سڏ ڪيم ته ”مامي پنهنجي گهر واري کي مونکي گهر وٺي اچڻ لاءِ چيو پوءِ مان مامي سان مليم. ان وقت مامو رمضان هيپاٽائيٽس سي جي موذي مرض ۾ مبتلا هيو. مامي کي ڪاري سائي جي ويڪسين ڪورس بلڪل ڪمزور ڪري ڇڏيو هيو. پر پوءِ به مامي کي ڳوٺ جي غريب ماڻهن جو تمام گهڻو فڪر هيو. ان وقت ڳوٺ ۾ بجليءَ جو وڏو بحران هو. تيز گرميءَ جي ڪري ڳوٺ ۾ بجلي جو ٽرانسفارمر سڙي ويل هئا. ڳوٺ ڪافي ڏينهن ڪان اونده ۾ هيو. ڳوٺ جي بجلي ٽرانسفارمرن کي ٺهرائڻ لاءِ ڏهه هزار روپيه گهربل هئا. تنهن تي مامي رمضان ڳوٺ ۾ سرنديءَ

وارن ڏي ويڄڻ لاءِ چيو. انهن کي اهو چئو تہ ”مامي رمضان چيو آهي تہ ڪجهہ ڏوڪڙ هٿ ڪري ڳوٺ جي بجلي بحال ڪرايو ۽ ڳوٺ کي روشن ڪريو.“

مامو رمضان پنهنجي دوستن جي مدد سان سماجي ڪمن ۾ نمايان رهيو. دوستن جو سٺو رويو ۽ گھڻي ساٿ مامي کي ڪڏهن بہ اڪيلو ڪونہ ڇڏيو. مامو رمضان پڻائيءَ جي پارڪو سنڌ جو سهڻو شاعر اديب ليڪڪ ڏاهو انسان انور پيرزادو ڪان گھڻو ڪجهہ پرايو ۽ ان سان تمام گھڻي محبت ڪندو رهيو آهي. اڄ بہ مامو رمضان ان عظيم انسان جي ساراهہ ڪندي نٿو ٿڪجي. مامو رمضان ٻين دوستن سماجي ورڪرن جن ۾ محبت حسين پيرزادو، ڪامريڊ تارو خان ماڇي، گلاب خان پيرزادو، طالب حسين چنو، اديب ليڪڪ محمد علي پٺاڻ جن جي خدمتن ۾ محبت جا ڳڻ ڳائيندو رهندو آهي.

سماجي ڪم ڪرڻ جي حوالي سان مامي رمضان وٽ هڪ انسان دوست آيو ۽ مامي کي چيائين، ”ماما رمضان هاڻي توهان انسان ذات جي تمام گھڻي خدمت ڪئي آهي، سو توهان عمري جي سعادت ڪرڻ جي تياري ڪريو.“ مامو لڪندو رهيو ۽ چيائين تہ،”توهان کي الله سائين خوش رکي، پر ايتري مون ۾ قوت ڪاٿي آهي. هڪ تہ مان مس بيماريءَ مان اٿيو آهيان ۽ ٻيو تہ مان پنهنجي گھر جو اڪيلو سربراهہ آهيان. اهو خرچ مان ڪٿان آڻيندس؟“

ان ئي ساڳي دوست مامي رمضان کي جواب ڏيندي چيو تہ ”ماما توهان کي خرچ ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي ۽ توهان پنهنجي تياري ڪريو. تنهن تي ان عظيم انسان دوست جو شڪريو ادا ڪندي لفظ دعا جا زبان تي آڻيندي چيو ”الله سائين توهان کي خوش رکي، توهان سدائين شاد ۽ آباد رهو.“

❊❊

# نئين نسل جو رول ماڊل

## زرار پيرزادو

سنڌ اندر ڪي اهڙا به اهم ڪردار موجود ملن ٿا جيڪي حڪومتن ۽ حُڪمرانن کان وڌيڪ انفرادي طور تي غريب، بي پهچ ۽ ستايل ماڻهن کي پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي رليف پهچائڻ واري عظيم مقصد سان جنبيل رهن ٿا.

اهڙن ڪردارن ۾ پراڻي ٻلهڙيجيءَ جو مامو رمضان ساريو به هڪ آهي، جيڪو هر ماڻهوءَ کي ”مامو“ چئي مخاطب ٿيندو آهي ۽ انهيءَ پنهنجائپ ڪري ٻيا ماڻهو به موٽ ۾ کيس ”مامو رمضان“ ڪري ڪوٺيندا، ڄاڻيندا توڙي سڃاڻيندا آهن.

مامو رمضان انور پيرزادي جي شخصيت، سندس انسان دوستي ۽ سندس پاران ٺاهيل ”ڳوٺ سڌار سنگت“ ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪرڻ وارين شاندار ۽ اتساهيندڙ روايتن کان متاثر ٿي ”سماجي مسيحا“ بڻجڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي زندگي هن عظيم مقصد لاءِ ارپي ڇڏي آهي.

مامو رمضان ساريو پنهنجن ڳوٺاڻن جي مسئلن کي پنهنجا مسئلا سمجهندي حل ڪرائي، اجتماعي توڙي انفرادي طور تي سندن ڪم ڪري ٿو پاڻ هيپاٽائيٽس جو مريض هوندي به پنهنجي بيماري وساري ٻين بيمارن ۽ لاچارن کي اسپتالن ۾ پهچائي، چندو ڇاڙي ڪري سندن علاج ڪرائي ۽ دوائون وٺي ڏياري ٿو.

پنهنجي ننڍڙي گهر جي اڌ حصي کي ”ڇوڪرين جو اسڪول“ بڻائي ڇڏيو اٿائين ته جيئن ڳوٺ جون غريب نياڻيون تعليم جي زيور کان محروم نه رهجي وڃن.

مامي رمضان جو هڪ منفرد ڪم اهو به آهي ته هن پنهنجي گهر اندر ئي سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن جا پروفائيل، سندن تخليقي مواد، اهم خبرن، مضمون ۽ اشوز کي سهيڙي انهن جا الڳ فائيل ٺاهي رکيا آهن، جيڪي سون ۾ آهن يعني سنڌ جي تاريخ، ڪردارن، اشوز ۽ واقعن بابت ڇپيل مواد کي دستاويزي شڪل ڏئي ڇڏي آهي.

ڪنهن به ماڻهوءَ کي جيڪڏهن سنڌ جي ڪردارن يا ڪو تحريري مواد يا ريفرنس گهربو ته اهي مامي رمضان ساريي سان رابطو ڪري پنهنجو مسئلو حل ڪري سگهن ٿا.

سو مامو رمضان ساريو بيشڪ بي لوث ڪردار آهي، جيڪو انتهائي خاموشي سان، ڪنڌ وٺي بنا جتائڻ ۽ پڌائڻ جي يا ڪنهن دعويٰ جي هو مسڪين ماڻهن جي هر ممڪن ۽ جائز طريقي سان مدد ڪري رهيو آهي.

سو نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن ميڊيا سنڌ جي اهڙن انسان دوست ۽ هڏ ڏوکي ڪردارن کي ”هيرو“ ۽ ”رول ماڊل“ ڪري پيش ڪري ته جيڪر هر ماڻهو ”مامو رمضان ساريو“ بڻجڻ جو اتساهه حاصل ڪندي بي پهچ ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ ”مسيحا“ بڻجي پوي.

❊❊

# لٺل ماسڪو جو سماج سڌارڪ: مامو رمضان

## سيد جاويد شاهه

لاڙڪاڻي کان 35 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي قديم تهذيب موهن جو دڙو جي ڪُڪ ۾ آباد وسندي "ٻلهڙيجي" جنهن کي لٺل ماسڪو به سڏيو ويندو آهي. تَنهن جو رهواسي محمد رمضان ساريو 1955ع ۾ هن ڳوٺ ۾ ڄائو پنج درجا پرائمري پاس ڪيائين. کيس 5 نياڻيون آهن ۽ پٽ جو اولاد ڪونهي. نياڻين کي تعليم ڏياريائين جيڪي هاڻي اسڪل ۾ ٻارن کي علم سيکارين ٿيون ۽ والد سان گڏجي خدمت خلق ۾ حصو وٺن ٿيون. هن ڳوٺ جي وڏي ماڻهوءَ انور پيرزادو 1982ع ۾ "ڳوٺ سڌار سنگت" قائم ڪئي جنهن ۾ محمد رمضان ڀرپور حصو ورتو. سماجي ڪمن ۾ هر ماڻهوءَ جي ڪم اچڻ سبب کيس سڀ ماڻهو عورتون، مرد توڙي ٻار "مامو" سڏڻ لڳا ۽ هاڻي "مامو رمضان" جڻ سندس نالو پئجي ويو آهي. هنن ڳوٺ سڌار سنگت جي پليٽ فارم تان ڳوٺ جي گهٽين ۾ مٽي مٽي تي ڊوئي وجهي گهٽيون مٽي ڪيون. ناليون ٺهرايون. ڪچي سڙڪ ۾ ڪڏا ڪوپا مٽي وجهي سنوت ۾ آندو. هن بيمار ماڻهو جو چندو ڪري علاج ڪرائڻ جو ڪم جڻ ٺيڪي ۾ کڻي ڇڏيو آهي. بيمار ماڻهن جي خدمت، تيمارداري ۽ ان جي بيماريءَ جي علاج لاءِ ڪراچي تائين سمورا اخراجات ڀرڻ جو ذمو کڻي ڇڏيو آهي. هن پنهنجي سماجي تنظيم "انڊس ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن" جو بنياد رکيو ۽ ڊاڪٽر زبيده پيرزادو جي نالي سان ڪلينڪ قائم ڪئي. گلاب پيرزادو صدر ۽ مامو رمضان فنانس سيڪريٽري چونڊيو. مامو رمضان غريب ۽ بي پهچ مريضن جي علاج لاءِ در در وڃي رقم گڏ ڪندو آهي. سندس ڪرياني جي دوڪان ۾ سماجي ڪمن جا 800 فائيل رکيل آهن، جنهن ۾ اخبارن جون ڪٽنگز مضمون، نيوز وغيره شامل آهن. بيمار ماڻهن کي چندو گڏ ڪري ڪراچي جي جناح اسپتال، سول اسپتال، ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي اسپتال ۽ انڊس اسپتال ڪورنگي توڙي اوجها اسپتالن ۾ اڄ تائين هزارن جي انگ ۾ وٺي وڃي علاج ڪرائي چڪو آهي. عورت مريضن جي تيمارداري لاءِ سندس گهر واري غلام سڪينه ۽ ڌيءَ روبينه پڻ گڏ هلنديون اٿس. بلدياتي اليڪشن ۾ چار دفعا اليڪشن کٽي ڪائونسلر ۽ زڪوات جو چيئرمين به دفعا چونڊيو آهي. ڳوٺ ۾ چوپائي مال کي بيمارين ۾ مفت ويڪسين ڪرائيندو آهي. هيپاٽائيٽس ، کٽي ۽ نانگ جي چڪ جي ويڪسين ڪرائيندو آهي.

نواز شريف جي زماني ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران پوليس درياءَ جي پٽڻ تان ٻيڙيون هلائڻ تي پابندي لڳائي ڇڏي هئي جنهن ڪري ڪچي جي هزارين ماڻهن کي اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف ٿي

پئي. مامو رمضان ٻيڙي جي پابندي ختم ڪرائڻ لاءِ درخواست لکي ته خوف سبب ڳوٺ جي ڪنهن به ماڻهوءَ صحيح نه ڪئي پر مامو رمضان ان وقت جي ايس ڊي ايم علي اڪبر هڱورو کي درخواست ڏئي ٻيڙي هلائڻ جي پابندي ختم ڪرائي، جنهن تي ماڻهن ڪيس دعائون ڏنيون. سڄي ڳوٺ جي هر گهر ۾ مامو رمضان وڃي سگهندو آهي. ڪا به عورت هن کان پردو نه ڪندي آهي. لٺل ماسڪو عرف ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ بجلي اسپتال، سئي گئس، لائبريري، گرلس ۽ بوائز اسڪول ۽ مڊل اسڪول جون سهولتون موجود آهن. ماما رمضان جي حسرت/ خواهش آهي ته ڪوئي سخي يا حڪومت ايمبولينس گاڏي فراهم ڪري ته جيئن مريضن کي علاج لاءِ ڳوٺ کان تڪڙو شهر اسپتالن تائين پهچائي سگهجي.

❊❊

زرار ڀُگهيو

# مامو رمضان ساريو: عوام دوست ڪردار

دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو ٿيندا آهن. هڪڙا اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي صرف ۽ صرف پنهنجي لاءِ سوچيندا آهن ۽ اهي لالچي ماڻهو هوندا آهن. پر ٻيا اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي پنهنجي لاءِ نه جيئندا آهن، سي عام نه پر غير معمولي ماڻهو هوندا آهن. ڀلهڙيجي ڳوٺ جو مامو رمضان ساريو به اهڙن غير معمولي ڪردارن مان هڪ آهي.

مامو رمضان ساريو سماجي سرگرمين ۾ تمام گهڻو اڳڀرو هوندو آهي، هن پنهنجي سڄي زندگي ٻين لاءِ ارپي ڇڏي آهي.

مامو رمضان ڳوٺ ڀلهڙيجي جي هر ماڻهوءَ جو خيال رکندو آهي ۽ ان جي ڳالهائڻ جو بااخلاق انداز ورتاءُ سڀ شيون تعريف لائق آهن. اڄ به مامي رمضان ساريي جي گهر ۾ اين جي اوز جي اسڪول جون ماسترياڻيون سوَ جي لڳ ڀڳ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مفت تعليم ڏينديون آهن. اهڙو گهٽ مثال ملندو ته ڪنهن شخص نياڻين جي تعليم لاءِ پنهنجي گهر کي اسڪول بڻائي ڇڏيو هجي.

هن هڏ ڏوکي ۽ انسان دوست شخص سان سندس سماجي خدمت ۾ ڪير ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ چاهي ته هو مامي رمضان سان سندس موبائيل نمبر: 03473595447 تي ساڻس رابطو ڪري سگهي ٿو.

**

# هِن جي ڪري ئي ڪيترن گهرن جي چُلهه ٻَري ٿي

## شهباز پيرزادو

سنڌ ڌرتيءَ هميشہ پنهنجي ڪُک مان انمول هيرا پيدا ڪيا آهن, مامو رمضان ساريو بہ هڪ اهڙو ئي انمول هيرو آهي, جيڪو سماجي ڪمن ڪارين ۾ اڳ کان اڳرو رهيو آهي ۽ سماجي ڪم ڪرڻ کان ڪڏهن بہ نہ ڪيٻايو اٿائين. مينهن هجي يا جُهڙ, گرمي هجي يا سردي مامو رمضان ڪنهن بہ تڪليف جي پرواهہ نہ ڪندي عام ماڻهن جا ڪم ڪندو آهي ۽ عام ماڻهن جي ڪمن کي ئي عبادت سمجهيو اٿائين. ڪلٽي ملٽي مامي رمضان ۾ مون ڪڏهن بہ لالچ, ڪاڙ ۽ وڏائيءَ جو عنصر نہ ڏٺو آهي. پاڻ پنهنجي گهٽيءَ کان وينڌي پاڙي جي مسجد تائين اهڙا چڱا ڪم ڪندي مامي کي ذهني سڪون ملندو آهي.

مامو رمضان ڳوٺ جو هر ڪم ڪندو آهي پوءِ اهو ڪيترو بہ ڏکيو ڇو نہ هجي بجليءَ ۽ گئس جي بلن کان وينڌي ڳوٺ جي ان غريب ماڻهوءَ جي مدد پڻ ڪندو آهي جنهن وٽ کائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. ڳوٺ جا غريب ماڻهو پنهنجي دل جو سمورو احوال مامي سان اوريندا آهن ۽ مامو ڪين ساڻ ڪري ڳوٺ جي سرنديءَ وارن ماڻهن وٽ وٺي ويندو آهي ۽ سرندي وارن ماڻهن کي ان غريب جي مدد لاءِ اپيل ڪندو آهي. مامي رمضان جا ڪنهن بہ سماجي ڪم ۾ ذاتي مفاد ناهن رهيا. مامو جيڪو بہ ڪم ڪندو آهي ان جو تفصيلي رڪارڊ الف کان يي تائين ٺاهيندو آهي. مامو رمضان ڳوٺ جي هر فرد سان محبت سان ملندو آهي ۽ هر نوجوان کي پيار, محبت ۽ نيڪي جا ڪم ڪرڻ جا ڏس ڏيندو آهي. مامو رمصان ساريو جسماني طور تي ڀلي ئي ڪمزور آهي پر ذهني طور تي ڪارونجهر کان بہ وڌيڪ مضبوط آهي.

مامي جو مذهب صرف ۽ صرف انسانيت جي خدمت ئي آهي. مامي رمضان سان پنهنجي گهر واريءَجو بہ مڪمل ساٿ ۽ سهڪار رهيو آهي. مامي رمضان سارئي جي ڪري اسان جي سماج جي سوين ماڻهن کي اڪين جو نور موٽي مليو, سوين شاگردن کي ڊوميسائيل ۽ پي. آر.سيز ٺهي مليا, سوين ماڻهن جي گهر جي وسامي ويل چلهہ ٻري, پوءِ اهي ماڻهون ئي آهن جيڪي مامي رمضان کي پنهنجو هيرو سمجهن ٿا.

ماما رمضان هاڻي ڀلي جسماني طور ڪمزور ٿي پيو آهي پر ڪڏهن بہ سماجي ڪم ۾ سستي ۽ ڪاهليءَ جو مظاهرو نہ ڪيو اٿائين. پاڻ هميشہ مونکي امداد حسينيءَ جي هِنن سِٽن جيان لڳندو آهي تہ:

پهاڙ پرزا ٿي پوندا، ٻانهن ۾ جي آهي ٻَل،
سردي گرمي سِرَ تي سهي، گل جهلي ٿي تڏهن ول.

مامو رمضان ساريو اسان کي پنهنجي زندگيءَ جا ڪوڙ سارا تجربا پڻ ٻڌائيندو آهي ۽ هدايت ڪندو آهي ته ڪم اهو ڪيو جنهن مان انسان ذات کي فائدو ملي. اسان جي سماج جو هرهڪ ماڻهو مامي رمضان جهڙو ٿي پوي ته هوند هي سماج جنت کان به وڌ خوبصورت ٿي پوي.

❊❊

# لاڙڪاڻي جو ايڌي: رمضان ساريو

## نديم رضا ميمڻ

مامو رمضان ساريو جي پيدائش 1955ع ۾ ٿي، شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ حاصل ڪيائين، سندس پيءُ جو نالو محمد وريام ساريو جيڪو تمام غريب، انتهائي سادگي رکندڙ ماڻهو هو. هو پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي جي المدينہ جامع مسجد جو پيش امام هو ان سان گڏ ڳوٺ جي ٻارڙن کي بغير لالچ لوڀ جي قرآن پاڪ جو درس ڏيندو هو. هارپوءِ مزدوري ڪري گهر جو خرچ پورو ڪندو هو. مامي رمضان ساريي کي انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ جو گهڻو شوق هو پر والدين غريب هجڻ ڪري تعليم ڏياري نہ سگهيا. نيٺ ۾ والدين مامي رمضان ساريي کي هڪ ننڍڙو دڪان کولي ڏنو جنهن تي روزگار ڪري گهر جو خرچ پورو ڪندو هو.

1982ع ۾ تنظيم ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجي جي نالي سان جڙي ۽ مامو رمضان ساريو ورڪنگ ڪميٽي جو ميمبر رهيو، انور پيرزادو، محب پيرزادو، گلاب پيرزادو، لطف پيرزادو، عيدل خان سومرو، ٺارو ماڇي هن تنظيم جا عهديدار رهيا ۽ وڏي جذبي سان ڳوٺ ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ ٻين ڳوٺن ۾ بہ ترقياتي اسڪيمون ورتن. اهڙي طريقي سان هر ڪو دوست روزگار ڪرڻ لاءِ مختلف شهرن ڏانهن روانو ٿيا جنهن کان پوءِ محب پيرزادو، مامو رمضان ساريو سماجي ڪمن ۾ حصو ورتو ۽ ٻين ڳوٺ تائين ڪم ڪندا رهيا. مامو رمضان ساريو تنظيم جي طرفان 1991 ۽ 1997ع ۾ ديهہ ابڙي پوٺا لوڪل زڪوات ڪميٽيءَ جو چيئرمين ٿيو ۽ مستحق ماڻهن جي لسٽ ٺاهي زڪوات جي رقم ڏيندو هو. اهڙي طريقي سان زڪوات جي فنڊ ورهائڻ سان ڳوٺ جي ڊاڪٽر بشير احمد پيرزدو، ڊاڪٽر فياض پيرزادو کان معلومات وٺندو هو تہ ڪٿي اهڙو مريض آهي جنهن جو آپريشن ڪرائجي. اهڙي طريقي سان مامي رمضان ساريي ڪافي مريضن جا مختلف آپريشن مختلف اسپتالن ۾ داخلا وٺي ڪرايا.

جنهن کانپوءِ ٻين ڳوٺن مان بہ مامي رمضان ساريي وٽ مريض اچڻ لڳا ۽ انهن مريضن کي بہ اهڙي طريقي سان زڪوات جي فنڊ مان ۽ مريض جي نالي تي درخواست ضلعي چيئرمين کي ڏيندو هو جيڪو چيڪ ڏيندو هو جنهن کانپوءِ انهيءَ مريض کي چانڊڪا اسپتال ۾ داخلا وٺي ڏيندو هو. نانگ يا ڪتي ڪاڌل، هيپاٽائيٽس جا مريض ۽ ٻاهہ جا متاثر ماڻهو هن وقت تائين مامي رمضان ساريي وٽ ايندا آهن، جن جي مدد ڪندو آهي.

مامو رمضان ساريو کي بہ ڀيرا بلدياتي چونڊن ۾ يوسي بگي جي عوام گهٽي کان گهڻا ووٽ ڏنا،

جنهن ۾ ناظم محب حسين پيرزادو نائب ناظم امام الدين ساريو عوام دوست جي پينل تان چونڊجي آيا ۽ پنهنجي يونين ڪائونسل بگي جي ڳوٺن جي ترقياتي ڪمن لاءِ رات ڏينهن محنت ڪندا رهيا.

2011ع ۾ مامي رمضان کي هيپاٽائيٽس سي ٿي پئي انهن ڏينهن ۾ هن وٽ هڪ ٻيڙڙي عورت آئي جيڪا ڳوٺ جي آخري محلي پٽائي آباد جي رهواسڻ هئي جنهن مامي رمضان کي چيو ته ”منهنجي گهر کي ماني پچائيندي باهه لڳي وئي آهي، جنهن ۾ گهرو سامان مڪمل طور سڙي ويو آهي، هاڻي منهنجي مدد ڪيو منهنجا ٻچڙا کلي آسمان هيٺ ويٺل آهن.“ ڳوٺ جي مختلف ماڻهن ڏانهن مان ويس سيني چيو ته مامي رمضان ڏانهن وڃ.

”امڙ مان ته بيماريءَ ۾ مبتلا آهيان مون کي دعا ڪيو ته صحتياب ٿيان ته اوهان جي لاءِ ڳوٺ مان چندو به ڪندس ۽ درخواست لکي ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو کي ڏيندس.“ پر عورت اها ڳالهه نه مڃي ۽ چيائين ته ”منهنجي اڄ ئي مدد ڪيو.“ ٻيڙڙي عورت کي مامي چيو ته ”اوهان صبح جو اچجو مان هن بيمار حال ۾ به اوهان لاءِ ڪوشش ڪندس.“ پوءِ مامي ساريي اهڙو ڪم ڪيو جو اپيل لکي پنهنجي بستري جي پاسي ۾ ديوار تي هڻي ڇڏي، مامي رمضان ساريو ڏانهن جيڪي دوست عيادت ڪرڻ ايندا هئا ته ان ٻيڙڙيءَ لاءِ چندو ڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن مامي جا دوست محمد علي پناڻ، طالب حسين چنو آيا ته اوهان جو صبح ڪي.ٽي.اين نيوز جي طرفان انٽرويو ٿيندو، ٻئي ڏينهن صبح جو مامي رمضان کان انٽرويو ورتو ويو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ مامي رمضان وٽ هڪ انسان دوست شخص آيو ۽ چيائين ته مان توهان جو انٽرويو ۽ رپورٽ ڪي.ٽي.اين تي ڏٺي آهي، مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هاڻي منهنجي طرفان مختلف ڳوٺن مان اکين جا مريض وٺي تعلقي گمبٽ جي اسپتال ۾ آپريشن ڪرائي اچو. اهڙي طريقي سان مامي رمضان ساريو مختلف ڳوٺن ۾ انسان ذات جي خدمت ڪري ٿو. جيڪڏهن مامي رمضان ساريو جهڙا عظيم انسان ڪليل دل عوام جي خدمت ڪندڙ غريب جي ڏکن کي پنهنجو سمجهندڙ مدد ڪرڻ وارا ماڻهو هرهڪ ڳوٺ ۾ هجن ته عوام کي گهڻو رليف ملي سگهندو. اسان دعاگو آهيون ته مامو رمضان ساريو پنهنجي عمر جا باقي ڏينهن به عوام جي خدمت ڪندي گذاري.

❊❊

# اونداهيءَ ۾ سوجهرو

## الهہ وسايو سولنگي

طبيعت ۾ ميناس، قد جو وچولو خلقِ خدمت جي سوچ ۽ فڪر ۾ هڏين هيٺو هٿن ۾ فائيلن ۽پنن جا ڍير. منهن ۾ مُرڪ جهڙو انسان مامو رمضان علائقي جي سوين ڳوٺن ۾ هڪ مسيحا طور تي سڃاتو ويندو آهي. هن ارادي ۽ عمل ڪي هيئنئن ثابت ڪيو آهي تہ صرف جيئڻ، پيٽ پالڻ ۽ مري وڃڻ زندگيءَ جو نالو نہ آهي. پر مقصد خاطر جيئڻ مرڻ بعد ماڻهن جي اکين جا لڙڪ بڻجڻ ۽ پنهنجن ڪارنامن جا ڌرتيءَ تي پيرا ڇڏڻ ئي زندگيءَ جو نالو آهي. پر مقصد خاطر جيئڻ مرڻ بعد ماڻهن جي اکين جا لڙڪ بڻجن ۽ پنهنجن ڪارنامن جا ڌرتيءَ تي پيرا ڇڏڻ ئي زندگيءَ جو نالو آهي. مامي جي زندگيءَ ۾ جڏهن بہ جهاتي پائي واريءَ تي وجود جا نشان ڇڏي وڃڻ ئي زندگيءَ جو اصل ڪارج آهي. زندگيءَ جا سپ پاسا جيڪڏهن سماج ۾ رهندڙ پيسيل ۽ جبر ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ڪتب آندا وڃن تہ هر ماڻهو مامي رمضان وانگر زندگيءَ ۾ وڏو مان مرتبو حاصل ڪري سگهي ٿو.

پوئتي پيل علائقن ۾ جتي وڏيرن ۽ پوتارن جا ڪلور اوج تي آهن، اتي مامي رمضان جهڙا ڪردار ماڻهن ڪي آٿت، پروسي جو اهجاڻ ڏين ٿا. طبقاتي نظام جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ ماڻهن لاءِ هنن سماجي ڪردار جڻ تہ ماڻهن ڪي جان بخشي ڇڏي آهي، ڳوٺن ۾ جتي وڏيرن ماڻهن جون مَتيون منجهائي ڇڏيون آهن، اُتي تاريخ، ساک سان شاهدي ڏيندي تہ مامي رمضان جهڙا ڪردار اونداهيءَ کان سوجهري ۾ آڻڻ لاءِ جيڪي جتن ڪيا آهن، اُهي ضرور ساپ ٿيندا.

هو پنهنجي هڙان وڙان بنا لالچ لوڀ جي عوامي جذبي سان خلقِ خدمت ۾ مصروف عمل آهي، اهو تاريخ جو اهو اولڙو آهي، جيڪو هر بيوس ماڻهوءَ جي اکڙ ۾ نظر ايندو آهي.

> مامو موت سان بہ وڙهيو آهي، ۽ يتائيءَ جي هنن لفظن سان موت ڪي بہ للڪاريو آهي،
>
> اونچو اوتاهون گهڻو جيئڻ ڪي جبل،
>
> مرڻ مون سين هل، تہ پُنيءَ تو پنڌ ڪريان. (شاهہ)

لطيف جي فڪر ۽ فلسفي تي هلندڙ هي شخص هن عمر ۾ جيئڻ جي سگهہ ساري ٿو ۽ ڪوشش ۾ آهي تہ تاريخ جي هر موڙ تي جدوجهد ۽ جاکوڙ جو عَلَمُ سدائين اونچو رهي. مامي رمضان جو هي انسان دوستيءَ وارو ڪردار نيائي سيني پاسن کان پورو لهي ٿو. هو ئي پتائيءَ جو کاهوڙي آهي، جيڪو دنيا ڪي مانجهاندي جو ماڳ محسوس ڪري سدائين خدمتن جي سفر ۾ رهيو آهي، اسپتالن جي پنڌن کان ونئي بين ڪم ڪارين ۾ مصروف عمل هي شخص هر وقت گهر کان پري ۽ بين جي خدمتن ۾ هوندو آهي، ڪو مريض ڪراچيءَ يا حيدرآباد ايندو تہ گهر جا ياتي آرامي هوندا پر سفر يا اسپتال جا ڌڪا مامو کائيندو جڏهن بہ حيدرآباد مريضن ڪي ونئي ايندو آهي تہ رابطو ضرور ڪندو آهي تہ ماما فلاڻي مريض ڪي ونئي هن اسپتال ۾ آيو آهي تہ ماما فلاڻي مريضن ڪي ونئي

هن اسپتال ۾ آيو آهيان. پوءِ مامي سان اُتي وچي سلام ڪبو. مريض سان گڏ سندس ڪو عزيز، مٽ، مائٽ نہ هوندو، هوندو تہ مامو هوندو پوءِ پلي ڪيترا ڏينهن لڳي وڃن يا وري ڪراچي هوندو تہ ڪڏهن ڪڏهن بہ مامو عيد براد تي بہ سفر ۾ هوندو آهي. جس آهي ان عورت کي جيڪا مامي جو گهر هڪ مڙس ماڻهوءَ وانگر هلائي رهي آهي، ڀمراڙيءَ جي عورت هجڻ سان گڏ مامي هن کي پاڻ وانگر ايڏو تہ انسان ذات لاءِ هڏ ڏوکي ڪري ڇڏيو آهي، جو مامي کي هڪ پل لاءِ بہ گهر جو اونو نہ هوندو آهي، هنن ڪردارن کي ڏسي محسوس ٿيندو آهي تہ اڃا انسانيت ختم ناهي ٿي، جيئن پٽائيءَچيو آهي تہ:

"پنهو ٿيس پاڻ، سسئي تان سور ويا."

جنهن دور ۾ اهڙن ڪردارن تي نہ صرف لکجي پر انهن ڪردارن تي وڏا سيمينارَ ڪرائجن جيئن ماڻهن کي آگاهہ ڪجي تہ سياست انقلاب، رومانٽڪ، پيار، اظهار تہ ختم ٿي سگهن پر هن قسم جون قربانيون انساني جياپي لاءِ هڪ اتساهہ آهن. مامو رمضان پلي پاڻ کي غربت واري احساس ۾ نہ آڻيندو هجي پر مون کي مامي کي ڏسي پٽائيءَ جون هي سٽون ضرور ياد اچي وينديون آهن تہ:

**ليڙون ليڙ ٿيوم، سبان تان نہ سبجي،**

**جانچي جا ڏنوم، تہ اندر نہ سبجي اڳڙي. (شاهہ)**

ماڻهو تہ اڄ وڏي ماڻهوءَ تي نظر وجهي رکندا آهن جنهن وٽ وڏيون گاڏيون، وڏا نٽ ٺانگر پر انهن ماڻهن کي خبر ئي ناهي تہ هي ظاهري ڏيک آهن ۽ انساني جذبي ۽ پرگهور لهڻ وارا هميشہ مامي رمضان جي پڇا ڪبي تہ ڪڏهن خبر پوندي تہ گمبٽ، ڪڏهن ڪراچي تہ ڪڏهن ٻئي شهر ڏس پوندو. اهو جذبو نہ صرف نئين نسل کي آگاهي آهي پر مامي جهڙن ڪردارن جي اڳيرائي آهي.

آءُ هنن چئن سٽن ۾ مامي رمضان سان انصاف تہ نٿو ڪري سگهان پر ضمير جي شاهدي ڏيان ٿو تہ "تون تاريخ جو اهو ڪردار آهين جو تاريخ توکي ايندڙ صدين تائين ياد ڪندي."

❋❋

# هڪ املهه انسان: مامو رمضان

## شان ڀڳهيو

مامو رمضان ساريو هڪ سماجي ورڪر جي حيثيت ۾ هڪ قومي ڪارڪن ۽ هڪ جدوجهد جي علامت آهي.

سماجي ورڪر ڪو معمولي مقام نہ آهي جو هڪ ڏينهن جي خواهش ڪرڻ سان ملي وڃي. ماڻهن جو رويو هلت چلت مسئلن کي منهن ڏيڻ کان وٺي ماڻهن جي بلن، ڪاربن، مالي مسئلن، ميلن ملاکڙن، مسجدن ۽ ٻين ڪمن ڪارين ۾ پاڻ رڌل هوندا آهن. ڳوٺ ڀلهڙيجي ۾ جنم وٺندڙ مبهم ٻار جڏهن هن سماج ۾ اکيون کوليون تہ مٿس قدرتي خوبيون انسان ذات لاءِ ملال ٿينديون ويون. سنڌي ادب جي وڏي نالي، شاعر ۽ شاهہ جي پارکو انور پيرزادي جي صحبت ۾ اچي انسان ذات جي خدمت ڪرڻ جي سوچ هڪ ايام ٿي اپري پر افسوس جو هي نوجوان پاڪستان آزاد ٿيڻ کانپوءِ ايوب خان جي دور حڪومت ۾ اسڪول ۽ ڪاليجن جي سهولت موجود نہ هئي جو هي نوجوان اڳتي پڙهي سگهي. مامو رمضان پنهنجي تعليم پنج درجا سنڌي پاس ڪري اچي انسان ذات جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف رهيا ۽ هڪ سماجي ورڪر جي حيثيت ۾ پاڻ کي اجاگر ڪرڻ ۾ مشغول رهيو ڪنهن شاعر جون سٽون ياد اچي رهيون آهن تہ:

**ڇاجي لاءِ تنهنجي منهن تي رنج ۽ ملال آ،**
**حڪم ڪر مان حاضر آهيان، جهڙو منهنجو حال آ.**

مامي رمضان ساريي جي اها هڪ خاصيت رهي آهي تہ هو ڳوٺ وارن کي جيتوڻيڪ صلاحون ڏيندا آهن پر پاڻ بہ ان عمل ۾ اڳيرا هوندا آهن. مامو رمضان ساريو کي ڳوٺ جا ماڻهو پيار ۽ پاٻوهہ مان مامو ڪري سڏيندا آهن. مامو رمضان انهيءَ انسان جو نالو آهي جيڪو ٻين جي درد کي پنهنجو محسوس ڪري مسئلن جو حل ڪيندا آهن پر جڏهن گذريل عيد تي اسين نماز پڙهي گهر ڏانهن واپس پئي وڃي رهياسين تہ پاڻ منهن تي مرڪ آڻي وڏن توڙي ننڍن ٻارن سان ڀاڪر پائي عيد جون مبارڪون ڏيندو رهيو. مامي رمضان سان ملڻ بعد مان سوچڻ لڳس تہ سلام هجي هن شخص کي جيڪو هر هنڌ ماڻهن جي خوشين سان گڏ پنهنجو من پيو ريجهائيندو آهي، هونئن تہ ڪيترائي سماجي ورڪر ڏٺا ۽ پڙهيا پر مان مامي رمضان جهڙي انسان دوست ورڪر کي نہ ڏٺو پر افسوس جو مامي رمضان ساريو کي هيل تائين، اسان جي وفاقي ۽ صوبائي حڪومت توڙي انساني حقن وارين تنظيمن جي عملدارن طرفان ڪو ايڪسيلنس ايوارڊ ملي نہ سگهيو آهي. هونئن تہ لاڙڪاڻو ضلعو ادب ۽ شعور جي لحاظ سان بهتر ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو پر اهو ڪنهن نہ سوچيو تہ ڳوٺ ڀلهڙيجي ۾

ٻہ ڪو عبدالستار ايڌي رهي رهيو آهي. منهنجي اتان جي چونڊيل نمائندن کي هڪ گذارش آهي تہ هن املهہ انسان کي ڪو سول ايوارڊ سان نوازڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي. اهڙن انسانن جي همٿ افزائي ڪرڻ سان اسان جي سماج ۾ انسان ذات جي خدمت ٿيندي رهندي. تعليم ۽ تربيت ۾ واڌارو ٿي سگهي ٿو ڇو تہ تعليم جو اهو ئي ذريعو آهي.

اهڙن انسانن جي همت افزائي ٿيڻ سان سماج ۾ جهيڙا, قرمار, جاهل پڻو گهٽجندو رهندو, اسان کي اهڙن ماڻهن کان سکڻ گهرجي, انهيءَ انسانيت کي اڪيچار ڪجي, خاص طور تي منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي نوجوانن کي اهڙن ماڻهن کان سکڻ گهرجي, انسانيت جو درد سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ انهيءَ مقام تي اچي پاڻ مڃائين. ڇاڪاڻ تہ نوجوان اسان جي معاشري ۾ تبديلي آڻڻ جو حوصلو طاقت ۽ عزم رکندا آهن. ان لاءِ تعليم, تربيت ۽ ترقيءَ جي سخت ضرورت آهي.
شاهہ سائينءَ جون سِٽون مامي رمضان جي نالي :

**مون سي ڏٺا ماءِ, جنين ڏٺو پرين کي,**
**ڪري نہ سگهان ڪاءِ, انهيءَ سندي ڳالهڙي.**
**(شاهہ)**

**❊❊**

# ”منهنجو بابا “

## نياڻي ياسمين بانو

بابا سائين، ڳوٺ جي هر فرد ننڍو هجي يا وڏو سڀني سان نوڙت سان پيش ايندو آهي. سڀئي ڪيس ماما جي نالي سان مخاطب ٿيندا آهن. ڪيترائي سماجي ورڪر آهن پر بابا سائين هڪ ناياب انسان آهي جيڪو پنهنجي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان بنا ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي انسان ذات جي خدمت ڪندو رهي ٿو. بابا سائينءَ وٽ اٺ سئو فائيل جمع ڪيل آهن جن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سندس نياڻي محترمہ بينظير ڀٽو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، اڳوڻو صدر آصف علي زرداري صاحب، سوڀو گيانچداڻي، چاچا انور پيرزادو، مختلف شاعر، اديب، ليڪ وغيره ۽ سنڌ ۾ ٿيندڙ عورتن تي تشدد وغيره جي خبر پڙهي انهيءَ کي ڪٽنگ ڪري رکندو آهي، جيڪي ڪنهن جي خبر اخبار ۾ ايندي آهي تہ اُها ان ماڻهوءَ کي بہ ياد نہ رهندي آهي تہ ڪهڙي تاريخ يا ڪهڙي ڏينهن خبر ڇپي هُئي، پر اهي سڀئي خبرون هن ننڍڙي دڪان ۾ آهن جيڪو ڪم ادارو ئي ڪري سگهي ٿو.

اهو ڪم هڪ فرد ڪري رهيو آهي، ان سان گڏوگڏ ڪارڊ، ڊوميسائيل وغيره ٺهرائڻ، بجلي ۽ گئس جا بل ڪٽي در در ڀهچائڻ. ان ڪان پوءِ پئسا ۽ بل واپس آفيس ڏانهن ڪٽي وڃڻ انهن آفيسرن کي سنڀالي ڏيڻ جو ڪم پڻ ڪندو آهي.

بابا سائين وٽ مريض ماڻهن جو تمام گهڻو قدر هوندو آهي، ڇو تہ پاڻ بہ سدائين علاج ڪائيندو رهي ٿو. پاڻ سدائين بيمار رهڻ سبب بہ ٻين ماڻهن جي ڪم ايندو آهي، ڏينهن هجي يا رات جڏهن ڪو مريض بابا ڏانهن آيو چيائين تہ”ماما رمضان، مون کي اسپتال وڃڻو آهي توهان اسان سان گڏ هلو.“ تہ بابا سائين انهيءَ ماڻهوءَ سان گڏجي ويندو آهي. ائين ڪيترائي ڀيرا اتفاق ٿيو آهي، تہ بابا سائين ڪراچيءَ کان ايندو آهي تہ انهيءَ ڏينهن ڪو ماڻهو آيو پر پوءِ بہ بابا سائين انهيءَ ماڻهوءَ کي جواب نہ ڏيندو آهي، انهيءَ سان گڏجي ڪراچي ويندو. بابا سائين پنهنجي ننڊ ۽ سڪون لاءِ نہ سوچيندو آهي ۽ چوندو آهي تہ ”انهيءَ مريض کي شفا ملي اهو ئي منهنجي لاءِ سڪون آهي“. بابا سائين اجا گهر ايندو آهي تہ ڪنهن در تي سڏ ڪيو تہ بابا تيار ٿيل ماني بہ نہ ڪائيندو آهي، ان ماڻهوءَ جي ڪم سانگي ويندو آهي.

اهڙا نيڪ دل انسان تمام گهٽ آهن. بابا سائين ايترو تہ سادو آهي جو ڪنهن بہ انسان سان وڏائي نہ ڪندو آهي. بابا سائين پاڻ کي هميشہ گهٽ رکندو آهي. تڪبر ۽ وڏائي هرگز نہ اٿس. جامع مسجد جي صفائي ۽ محلي جون گهٽيون بہ پاڻ صاف ڪندو آهي. بابا سائين ڳوٺ هوندو آهي تہ

گهٽين صاف سٿريون ڇٽڪار ڏنل ۽ ممڪندي نظري ايندو آهي.

بابا سائينءَ جو گذارو هڪ ننڍڙي دڪان تي آهي، جنهن ۾ ٻاراٽيون شيون رکيل آهن. بابا سائينءَ کي پٽاٽو اولاد نہ آهي. پنج نياٽيون اٿس پر نياٽين لاءِ چوندو آهي تہ ”اهي منهنجون نياٽيون نہ پر منهنجا پُٽ آهن“. بابا سائينءَ جون نياٽيون گهر ۾ پورهيو ڪنديون آهن. بابا سائين جڏهن ڪراچي ويندو آهي تہ صرف رب پاڪ جو نالو گهر ڇڏي ويندو آهي ۽ اسان نياٽين جي بہ هر وقت اها دعا آهي تہ رب پاڪ بابا سائينءَ کي پنهنجي حفظ و امان ۾ رکندو ڇو تہ بابا سائين ئي اسان جو هن دنيا ۾ سهارو آهي ۽ منهنجو عرض آهي تہ ٻلهڙيجي جي نوجوان پيائر کي تہ چاچا انور پيرزادو ۽ بابا رمضان سارئي جي ڏنل واٽ تي هلن ۽ انهيءَ روشن ڏيئي کي هميشہ روشن رکن.

❋❋

# سماج سڌارڪ: ”بابا سائين“

## روبينہ بانو

بابا سائين ننڍپڻ کان صرف اهو سکيو آهي تہ انسان ذات جي خدمت ڪرڻ. گهرجي جڏهن بہ وٽس ڪو ماڻهو ايندو آهي تہ هو ان جي مدد ڪندو آهي. پنهنجو هجي يا پرايو جيڪڏهن ڪو ماڻهو تمام گهڻو غريب آهي ۽ هو علاج جو خرچ برداشت نٿو ڪري سگهي تہ هو بابا سائين کي ڳالهہ ڪندو تہ ماما سائين منهنجو هي حال آهي، پوءِ ڀلا مان ڪيڏانهن وڃان؟. بابا سائين ڪيس دلجاءِ ڏيندو آهي ۽ پين پنو ڪٽي لسٽ ٺاهيندو پاڻ ڳوٺاڻن جي دَر دَر وڃي اها ڳالهہ سامهون رکندو آهي پوءِ هو ڳوٺاڻو پنهنجي وس آهر چندو ڏيندو آهي ۽ ڪو بہ ڪيس خالي نہ موٽائيندو آهي، ڇو جو هي تمام بهترين انسان آهي ۽ ڪوڙ نہ ڳالهائيندو آهي. مختلف بيمارين ۾ مبتلا ماڻهن جا آپريشن، رت جو بندوبست ڪري، انهن کي صحتياب ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

بابا سائين هيپاٽائيٽس جي موذي مرض ۾ مبتلا هوندي بہ بستر ڇڏي ٻين جي ڪم ايندو آهي. بابا سائين هر ماڻهوءَ سان ادب احترام، نوڙت سان ملندو آهي. اڄڪلهہ جي هن نفسانفسي واري دور ۾ سڀ ڪو صرف پنهنجي لاءِ سوچي ٿو. بابا سائين هڪ واحد شخص آهي جيڪو انسان ذات لاءِ غور ۽ فڪر ۾ رهي ٿو. ٻئي جي ڏک کي پنهنجو ڏک ۽ ٻين جي خوشيءَ کي پنهنجي خوشي سمجهندو آهي.

28-جون 2005ع ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي طرفان پنهنجي گهر ۾ نياڻين کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر مان 3 ڪمرا اسڪول لاءِ وقف ڪري ڇڏيا اٿس ۽ بغير ڪنهن معاوضي جي اسڪول ۾ 150 ٻار، 3 عدد فيميل ٽيچرس آهن جيڪي اڄ ناڻين کي تعليم ڏئي رهيون آهن. اهڙي طريقي سان بابا سائينءَ جي مختلف ڳوٺن ۾ انسان دوست هجن تہ عوام کي گهڻو فائدو ملي سگهندو. اسان جون دعائون آهن تہ بابا سائين پنهنجي بچيل پوري زندگي اڳ کان اڳرو ٿي، عوامي خدمت ۾ گذاري.

بابا سائين پنهنجي ئي گهر ۾ قائم ڪيل هٿَ ۽ بہ جريب ٻنيءَ مان پنهنجي گهر جو چرخو هلائيندو آهي، هي شخص اڄوڪي دور ۾ نياڻين جي تعليم جي اهميت کان چڱي ريت واقف آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو بابا سائين پنهنجي پنجن ئي نياڻين کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيو آهي، جن مان هڪ نياڻي اباڻي گهر ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن تحت اسڪول هلائي نياڻين ۾ تعليم

جي شمع روشن ڪرڻ جي عظيم ڪم ۾ رڌل آهي.

هن سڄي ڪم ۾ بابا سائين سان پنهنجي جيون ساٿي جو ٻه اهڙو ئي ساٿ آهي جو بابا سائين جيڪڏهن ڪنهن ڪم سانگي گهر کان ٻاهر هوندو آهي ته گهر جو سمورو چرخو سندس ونې هلائيندي آهي.

❋❋

# ماما رمضان: بي پهچ ۽ بي سهارن جو آسرو

## فقير ارشاد حسين ساريو

ڪنهن کي قرآن ۾ ايمان نہ مليو
ڪنهن کي گيتا ۾ ڀڳوان نہ مليو.
ان انسان کي آسمان ۾ ڇا خدا ملندو
جنهن انسان کي انسان ۾ انسان نہ مليو.

ڪائنات جي خلقيندڙ الله تعاليٰ هن دنيا ۾ ڪي اهڙيون شخصيتون خلقيون آهن جن پنهنجي خداداد صلاحيتن وسيلي دنيا جي اندر عظيم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. ڪن شخصيتن دنيوي علم حاصل ڪري بي علم انسانن کي سيراب ڪيو آهي، تہ ڪن وري دنيا جي ڪار وهنوار ۾ اضافي ۽ آساني واسطي ڪي ايجادون ڏئي مشڪل کي آسان ۽ ناممڪن کي ممڪن بڻايو آهي تہ ڪن وري روحاني علوم جون منزلون طئي ڪري اُڃارن کي سيراب ڪيو آهي ۽ وڇڙيل ٻانهن کي الله ۽ ان جي رسول سان ملايو آهي.

جڏهن تہ ڪي وري اهڙيون شخصيتون بہ دنيا جي تختي تي موجود آهن جن پاڻ بکيو رهي بکارن کي ڪاريو آهي ۽ خود دنياوي مشڪلاتن کي منهن ڏئي بي پهچ ۽ بي سهارن جو آسرو بڻجي پاڻ کي هڪ تاريخ بڻائي ڇڏيو آهي، اهڙن املھ ماڻهن منجهان موهن جي دڙي جي مِٽيءَ مان جنم وٺندڙ ماما محمد رمضان ساريو پڻ نمايان آهي. جنهن پنهنجي سڄي ڄمار انسانيت جي عظمت کي اجاگر ڪندي پنهنجون خدمتون سرنجام ڏنيون آهن. بيمارن جو مقامي سطح کان وٺي ڪراچي جهڙي وڏي شهر تائين پهچائي علاج ڪرائڻ، يتيمن، بيواهن ۽ بيسهارن جي اجهاميل چلهي کي ٻارڻ ۽ غريب مسڪين ماڻهن جي اولاد کي تعليم جهڙي زيور سان آراستہ ڪرڻ سميت ڪوڙ ساريون اهڙيون عظيم خدمتون ڏيڻ هن شخص جي زندگيءَ جو محور رهيون آهن.

**

# مامي رمضان ساريي جون سماجي خدمتون

## ڪامريڊ شبن جتوئي

مامو رمضان ساريو انسان دوست ماڻهو آهي، انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي. موهن جي دڙي جي ڪک پلهڙيجي ۾ جنم وٺندڙ هي شخص ڏسڻ ۾ تہ صفا سادو آهي، پر ان شخص جون خدمتون ڳوٺ توڙي تعلقي ڏوڪري جي عوام کي هميشہ ياد رهنديون. مامو رمضان رات توڙي ڏينهن عوام جي خدمت ۾ گذاري ٿو. دنيا ۾ چند ماڻهو اهڙا آهن جيڪي عوام جي خدمت ڪن ٿا. مامو پڻ اهڙن ڪردارن مان هڪ آهي، جتي عبدالستار ايڌي پنهنجا خدمتي ڪارناما ظاهر ڪري ٿو، اتي مامو رمضان محدود وسيلن هوندي بہ پنهنجين خدمتن ڏيڻ کان ڪڏهن ڪونہ ڪيٻايو اٿن. جڏهن تہ مامو رمضان خود غربت جو شڪار هوندي بہ ٻين بي پهچ مريضن کي رات ڏينهن جو اسپتالن ۾علاج لاءِ پهچائي انهن جون زندگيون بچائڻ ۾ نمايان ڪردار نڀائيندو پيو اچي ۽ هو ڏوڪري تعلقي جو ايڌي پڻ سڏجي ٿو.

مامي رمضان جون سماجي خدمتون ڏسي، مختلف سماجي تنظيمن مامي کي شيلڊون، سرٽيفڪيٽ ۽ اڻ ڳڻيا ايوارڊ پڻ مليا اٿس. مامي تعليم جي بهتري لاءِ پڻ نمايان ڪردار نڀائي پيو. جڏهن تہ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان اسڪول پڻ کولرائي رهيو آهي، جنهن سان غريب عوام کي تعليم ملندي ۽ هو هڪ سچو انسان آهي. الله تعاليٰ کيس وڏي ڄمار ڏئي ۽ هو انسان دوستيءَ جو ناتو نڀائيندو اچي. آخر ۾ مان مامي رمضان لاءِ هي شعر چوندس:

جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو،
جو عام اجاري، اهو جيئندو رهندو.
مونکي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آ،
جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو.
(استاد بخاري)

# ماما رمضان ساريو متعلق گڏيل رايا

بيمارن کي علاج سانگي هو اڪثر گهر کان ٻاهر رهندو آهي، پر اسان سمجهون ٿا ته هو هر وقت ڪنهن نه ڪنهن چڱي ڪم سان هوندو آهي، تنهنڪري ڪانئس ڪڏهن به شڪايت ناهي ڪئي، ويتر اسان کي خوشي ٿيندي آهي جو رمضان بي پهچ ماڻهن جي مدد ڪري ٿو. ان ڏس ۾ مان ۽ سندس نياڻيون به حال سارو هن جي مدد ڪنديون آهيون ۽ اسان کي اهو سوچي خوشي ٿيندي آهي ته هن دور ۾ اسين ڪنهن جي ڪم اچي رهيا آهيون. اسان جي گهر ۾ اسڪول قائم آهي پر اسان کي ڏکيائي محسوس ناهي ٿي، ڇاڪاڻ ته اسڪول ۾ پڙهندڙ سمورا ٻارڙا اسان کي ڳوٺ جا نه پر پنهنجا ٻچا لڳندا آهن.

## غلام سڪينا (مامي رمضان جي گهرواري)

"نفسا نفسيءَ واري هن دور ۾ مامو رمضان ساريو هڪ رول ماڊل آهي. هي اعليٰ ظرف وارو انسان آهي، جنهن تعليم توڙي سماجي خدمتن ۾ پاڻ ملهائي اهم ۽ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. سندس ڪوشش سان قائم ٿيل اسڪولن منجهه اسان جون نياڻيون تعليم پرائن ٿيون، جنهن لاءِ سمورو ترُ مامي رمضان جو ٿورائتو آهي. آءٌ ڪيس پنهنجي لفظن ۾ هين پيتا ڏيندس، "جڪرا جيئن شال، تنهنجو ڪنين مندو نه سڻان".

## طالب حسين چنو (استاد ۽ سماجي اڳواڻ)

رمضان ساريو فقط ٻلهڙيجي نه پر سموري يو.سي بگيءَ جو اهم ڪردار آهي. هو بيواهن ۽ مستحقن جي مدد لاءِ سدائين سرگردان هوندو آهي، جنهن لاءِ هو جس لهڻي ٿو.

## گلاب پيرزادو (پورهيت اڳواڻ)

رمضان ساريي جي سماجي خدمتن جو سلسلو تمام گهڻو وڏو آهي. انهن خدمتن عيوض ئي هو هر ننڍي وڏي جو "مامو" بڻجي ويو آهي. هو جڏهن به ڪنهن ڪم لاءِ سڏ ڪندو آهي، ڳوٺ جو هر ننڍو توڙي وڏو وٽس پهچي ويندو آهي. رمضان ساريو تڪليف ۾ ڪنهن کي به ڏسي ناهي سگهندو تنهنڪري ڳوٺ وارا به ساڻس اڻمئي محبت ڪن ٿا.

## ڪامريڊ نارو ماڇي (پورهيت اڳواڻ)

مامو رمضان ساريو انتهائي پيارڪندڙ ۽ ٻاجهارو شخص آهي، جنهن پنهنجي سموري حياتي سماجي ڪمن ڪندي گذاري آهي. هو ٻين ڪاڻ جيئڻ واري اعليٰ انساني قدر جي عملي تصوير آهي.

## دودو ديشي (قومي ڪارڪن)

مامي رمضان جا انسان دوستيءَ وارا ڪم ته ڳڻڻ کان گهڻا آهن، پوءِ به هڪ واقعو انتهائي دلچسپ آهي، ٿيو هيئن ته سال 2007ع ۾ سنڌوءَ جي لوپ بند تي 18 نمن جا وڏا وڻ بيٺل هئا جيڪي بااثر ماڻهو وڍائي رهيا هئا. پر مامي رمضان ان ظلم خلاف ڳوٺ جي ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ ڏوڪري پريس ڪلب وٽ احتجاج رڪارڊ ڪرائي وڏي جدوجهد سان انهن وڻن کي وڍجڻ کان بچائي ورتو.

## سڏير احمد ساريو (سماجي ورڪر)

سچ ته مامو رمضان ايترو ته منڙو ماڻهو آهي جو هن جي جيتري به ساراهه ڪجي اها گهٽ آهي. هي مالي حوالي سان غريب ضرور آهي. پر دل جو وڏو شاهوڪار آهي. هر ڪنهن جي ڏک ۽ سک ۾ شريڪ ٿيڻ، هر ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ سندس ڪرت آهي. اسان جي ڳوٺ ۾ 1999ع کان اڳ بجلي ڪونه هئي، ان سلسلي ۾ وڏيرن، ڀوتارن ڏاڍهن ڪيترائي پنڌ ڪياسين پر ڪوبه ڪڻ تيل نه نڪتو. وري به شابس آهي مامي رمضان کي جنهن وڏي جدوجهد ۽ جفاڪشيءَ کان پوءِ اسان جي ڳوٺ جي بجلي منظور ڪرائي.

## امام بخش ساريو (استاد)

اسان جي سماج ۾ اهڙا ٿورڙا ماڻهو آهن جيڪي شخصي مفاد، عام جي ڀلائيءَ لاءِ قربان ڪن ٿا، ٻين جي چپن تي مرڪ آڻڻ لاءِ پاڻ کي جوکم ۾ وجهن ٿا. ٻين تي ايندڙ تڪليف جو درد پاڻ محسوس ڪن ٿا. مامو رمضان اهڙن ٿورڙن ماڻهن مان هڪ آهي، جيڪي عام جي فائدي خاطر ۽ ٻين جي چپن تي مرڪون آڻڻ لاءِ پنهنجي زندگي ارپي ڇڏيندا آهن.

ڇيڪي متيءَ جي مهڪ جهڙي طبيعت رکندڙ مامو ڏسڻ ۾ ته سنهڙو سيپڪڙو آهي پر منجهس خدمت خلق جو جذبو ڪارونجهر کان به وڏو آهي، شايد هن حقوق العباد جو مطلب ۽ مقام ڄاڻي ورتو آهي.

**محبت پائي مَنَ ۾، رَندا روڙيا جن،**
**تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو.**

## نعيم ٻگهيو (سماجي اڳواڻ)

اڄوڪي نفسانفسيءَ واري هن دور ۾ جيڪڏهن ڪو ڪنهن جي مدد ٿو ڪري ته اها تمام وڏي

ڳالھ آهي. مامو رمضان ساريو اهڙن عظيم انسانن ۾ شامل آهي، جيڪي هر وقت ٻين جي مدد ڪندا رهن ٿا ۽ ٻين لاءِ جيئڻ سندن حياتيءَ جو مقصد هوندو آهي.

## توفيق الزمان ميمڻ (صحافي)

ماما رمضان ساريو اسان جي ڌر جي دراوڙي نسل جي آخري نشاني آهي، جنهن جي رڳن ۾ رت بجاءِ سنڌو جو پاڻي ڊوڙي رهيو آهي تہ ٻئي طرف سندس سماجي خدمتون، سماج تي مرهم جو ڪم ڪن ٿيون. ”ماما! اسان سڀ تنهنجي عظمت جا قائل آهيون ۽ اسين سڀ تنهنجا قرضي بہ آهيون.“

## ڪامريڊ منظور ميراڻي (قومي ڪارڪن)

ماما محمد رمضان ساريو هڪ غريب خاندان جي گهر ۾ 1955ع ۾ پيدا ٿيو سندس پيءُ جو نالو محمد وريام ساريو هيو ۽ تمام سادگي رکندڙ انسان هيو. پنهنجي گهر جي پرسان المدينہ جامع مسجد آهي جنهن جو پيش امام هيو نندين وڏن ٻارڙن کي قرآن پاڪ جو درس ڏيندو هيو ۽ پنهنجي سهري سان گڏجي هارپو ڪري پنهنجن ٻچڙن جو گذر سفر ڪندو هيو. ماما رمضان ساريو پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪئي جنهن کان پوءِ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڏو شوق پيدا ٿيس ۽ پنهنجي والدين کي چيائين تہ مون کي ڏوڪري هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏيو. انهن ڏينهن ۾ ڳوٺ ٻلهڙيجي مان ٿي شاگرد تيار ٿيا. اهڙي طريقي سان سماجي تنظيم جا اڳواڻ ڪمن ۾ شوق سان اڳتي هلندا رهيا.

## وفا معشوق مشوري